
درد جون آيتون
(شاعري)
سعيد ميمڻ

# درد جون آيتون

[شاعري]

سعيد ميمڻ

سِپ پبليڪيشن نوابشاهه

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## كتاب جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | درد جون آيتون |
| موضوع | : | شاعري |
| شاعر | : | سعيد ميمڻ |
| ايڊيشن | : | پهريون |
| سال | : | فيبروري 2009ع |
| تعداد | : | 1000 هزار |
| ٽائيٽل | : | آفتاب سرهيو |
| لي آئوٽ | : | مور ساگر |
| ڪمپوزنگ | : | الرزاق ڪمپيوٽر ڪمپوزرس حيدرآباد |
| ڇپائيندڙ | : | سِپ پبليڪيشن نوابشاهه |
| قيمت | : | 150 روپيه |


All Rights Reserved


| | |
|---|---|
| Name of Book | **DARD JOOn AAYATOOn** |
| Subject | Poetry |
| Poet | Saed Memon |
| Edition | 1st |
| Year | Fabruray 2009 |
| Quantity | 1000 |
| Publisher | Sipp Publication Nawabshah |
| Price | 150/= |

# ارپنا

فطرت جي سُندرتا
سان نوازيل
پنهنجي ڳوٺ
***عاقل جي نانءِ***
جنهن جي جهوليءَ ۾
جيڪڏهن جنم نہ وٺان ها
تہ شايد شاعر بہ نہ هُجان ها.

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (200) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”درد جون آيتون“** ناملياري شاعر سعيد ميمڻ جي خوبصورت شاعريءَ جو مجموعو آهي.

هي ڪتاب **سِپ پبليڪيشن نواب شاهه** پاران 2009ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون بخشل باغيءَ جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ شيئر ڪرڻ جي اجازت ڏني.

سعيد ميمڻ پنهنجي شاعراڻي لهجي ۾ ڪيترائي دل ڪي وٽندڙ رنگ سمائي جڏهن اظهار جا آلاپ آڇي ٿو، تڏهن روح مان درد جون ڪيفيتون اکين ۾ جُهڙالا ڪري سارنگ جا سانگ رَچائي ڇڏين ٿيون.

اوهان سيني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# اداري پاران

جديد سنڌي شاعريءَ جي پلوڙ شاعر سعيد ميمڻ جي شاعريءَ جو چوٿون شعري مجموعو ”درد جون آيتون“ آڏينڌي انتهائي گهٽي سَرهائي محسوس ڪري رهيا آهيون. ڇاڪاڻ جو سنڌي شاعريءَ جي دامن ۾ ٽڙندڙ هِن شاعري جو ون ۾ واس پنهنجو آهي، جنهن ۾ ڪيئي تخيل جا رنگين خُمار من کي مخمور ڪري ڇڏين ٿا.

سعيد ميمڻ پنهنجي شاعراڻي لهجي ۾ ڪيترائي دل کي وڻندڙ رنگ سمائي جڏهن اظهار جا آلاپ آڇي ٿو تڏهن روح مان درد جون ڪيفيتون اکين ۾ جُهڙالا ڪري سارنگ جا سانگ رَچائي ڇڏين ٿيون.

سِپ پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر سَتون ”درد جون آيتون“ اداري ۾ سڄي سنڌ لاءِ وڏو اعزاز آهي، اهڙو اعزاز جنهن جو تعلق احساسن ۾ درد جي ريشمي رنگين رومال سان سَنبنڌ رکي ٿو. سعيد ميمڻ جي هيءَ شاعري اڄ جي نوجوان ٿهيءَ لاءِ مشعلِ راهه جو مقام رکي ٿي، جنهن جي روشنيءَ ۾ سعيد ميمڻ جا نماڻا نيڻ جنمن جي اوجاڳن سان اوسيئڙن جا نفيس سويٽر اُڻي رهيا آهن؛ جن خوابن جا ڏاڱو-ڏاڱو ٽاڪا سرد آهون پري خاموش سُڏڪي رهيا آهن.

سعيد ميمڻ شاعريءَ جي هر رُخ کان هڪ پَڪو پُختو شاعر آهي، جنهن کي سنڌي شاعريءَ جي منظر ۾ پَس منظر جو ڀرپور شعور آهي. اُن شعور جون ڏياٽيون سعيد ميمڻ جي شاعريءَ جي حسين ۾ معصوم چهري تي جلوا افروز آهن.

ادارو ستار سُندر جي سهڪار جي ٿورن مڃڻ سان گڏ جديد سنڌي شاعريءَ جي سرواڻ، خوبصورت شاعر ۾ پياري دوست آسي زمينيءَ جا خاص ٿورا، جنهن هِن ڪتاب جا اهم ۾ بنيادي مرحلا پنهنجو قيمتي وقت ڏئي طئي ڪيا؛ ۾ پنهنجو ڪوڙسارو وقت ۾ توانائيون صرف ڪري اسان کي مانُ بخشيو.

_ ادارو

Cell # 03003217411

**مهاڳ**

# سِتون چڻ تہ صُراحيون!

ڪن سوالن جو هر دؤر جوابده رهندو پئي آيو آهي. توڙي جو هر دؤر وٽ پنهنجن ڏاهن جي موجودگيءَ باعث، ڏاهپ جي بي حساب سگهہ موجود رهي آهي، پر پوءِ بہ اهڙن سوالن جو صليب هر دؤر کي پنهنجن ڪُلهن تي ڪڻڻو پيو آهي. ان جو هڪ اهم سبب زمان و مڪان جي لچڪدار ماهيت آهي ۽ اها لچڪ ئي اهڙي خوبي آهي، جنهن زمان و مڪان کي آفاقي قدرن جي مالڪي بخشي آهي؛ نتيجي طور زمان و مڪان جي اهڙي متنوع ۽ متبدل ماهيت، هر دؤر کي پنهنجا نوان سوال ۽ للڪارون (Challenges) ارپي، ڪيس جهنجهوڙي، جهوري، پنهنجي حيثيت مڃائيندي رهي آهي.

انهن سوالن ۾ خالق (شاعر) ڇاهي؟ ۽ سندس تخليق (شاعري) ڇاهي؟ هر دؤر جا اهم سوال آهن. توڙي جو اسم شاعر ۽ ان جي صفت شاعري ٻئي بيڪ وقت تخليقون آهن ۽ ٻنهيءَ جا خالق الڳ الڳ آهن. هڪ انسان بحيثيت شاعر ۽ ٻيو مطلق شعور....... حق، سچ يا اجا بہ اڳتي جو بہ ڪيس نانءُ ڏيو، پر پنهنجي بنيادي اڪائيءَ يا وحدت ۾ ٻنهي تخليقن جو خالق هڪ ئي آهي-مطلق شعور! هتي اسان جو موضوع بحث زندگي/شخص بطور شاعر جو خالق نہ، پر ان مها تخليقڪار جي انتهائي پيچيده تخليق انسان/ شخص بطور شاعر جي شخصيت ۽ ان جي تخليق يا صفت شاعري آهي...... شاعري آهي ”درد جون آيتون“ ۽ شاعر آهي سعيد ميمڻ!

شاعريءَ متعلق ڪنهن پرڏيهي ڏاهي خوب چيو آهي تہ اهو عمل، شعور جو لاشعور کان تحت الشعور وٽان واپسيءَ، يا شعور ڏانهن لاشعوريءَ طور سفر جو ڪارنامو آهي..... ۽ بيشڪ آهي بہ تہ ايئين!

شعور جا بہ عجيب ڪيڏ آهن! عجيب انداز ۽ مزاج جو مالڪ آهي شعور! پنهنجي ”هئڻ“ يا موجودگيءَ جو ”احساس“ انتهائي انوکن روپن ۾

ڏياري ٿو جنهن جو هڪ اڻ سِڌو رُوپ شاعري آهي. اَڻ سِڌو ان ڪري جو سڌيءَ طرح اهو ڏاڍو شرير ۽ شاطر العمل ٿئي ٿو. شعور اگر جنون سان ناتو جوڙي وجهي تہ ڏاڍو ڀيانڪ ثابت ٿئي ٿو پر ان جي ابتڙ اگر جنون، شعور سان شامِل حال ٿي وڃي تہ ڪيس اهڙي معصوميت عطا ڪري ٿو ڇڏي، جيڪا شاعر جو شان بڻجيو پئي ۽ جنهن لاءِ چيو ويو آهي تہ، "شاعري جُزوَ اَست از پيغمبري!" اقبال ان فرق کي تمام سهڻي پيرايي ۾ بيان ڪيو آهي:

اک جنون ہے کہ باشعور بھی ہے،
اک جنون ہے کہ باشعور نہیں۔

– ۽ شاعري ان پوئين جنون جي عطا آهي–هڪ اهڙي ڪيفيت جو ڪارنامو جنهن ۾ شعور نہ، پر جنون ڪارفرمان هوندو آهي. ۽ اهو جنون ئي آهي جيڪو وڏا وڏا ڪم لاشعوري طور سرانجام ڏيئي ويندو آهي، جنهن جو ان صاحبِ جنون کي شعور بعد ۾ تڏهن حاصل ٿيندو آهي، جڏهن اهو ان جنوني ڪيفيت مان ٻاهر نڪري چڪو هوندو آهي.

حضرت موسيٰ ڪوهِ طُور تي شعوري طور خدا کي درخواست ڪندو رهيو: "رَب ارنِي!" يا رب! مون کي پنهنجو جلوو پساءِ! پر بار بار ساڳيو جواب ملندو رهيس: "لن تراني!" تون مون کي نہ ڏسي سگهندين! ليڪن ساڳيو سوال جڏهن وجداني ڪيفيت اندر غارِ حرا ۾ گونجي ٿو تڏهن اهڙي جنونِ عشق کي معراج ميسر ٿي ٿو پئي! شاعري پڻ ماوراءِ شعور، جنونِ عشق واري وجداني قوتِ عمل جو ثمر و معراج آهي.

قاضي قادن کان شاهہ ڪريم تائين ۽ شاهہ لطيف کان شيخ اياز تائين اسان جي سنڌ سونهاري، اهڙا ڪيئي حاملِ جنون و عشق ۽ صاحبِ جنون عاشق پيدا ڪيا آهن، جن ان عطا جي عيوض سنڌي ٻوليءَ کي شاعريءَ جو بي بها خزانو بخشيو آهي. ۽ اهو سنڌ جي مٽيءَ جو ڪمال آهي يا فطرت جي سوغات، جو اهو ڪڏهن نہ ختم ٿيندڙ سلسلو سدا قائم و دائم آهي. جيڪو اسان کي اياز کان پوءِ بہ اهڙا ڪيئي انمول موتي مهيا ڪندو پئي رهيو آهي – ۽ اهڙن ئي موتيءَ داڻن مان هڪ داڻو سعيد ميمڻ بہ آهي. سعيد جي شاعريءَ پڙهندي، اسان کي اوَس شيخ اياز جي ياد اچي ٿي، جنهن چيو:

اجا رُڃَ مان رڙ اچي ٿي، اچي ٿي،
مٿان ايئن سمجهين، مئا مور سارا!
يا
”..... گونجار ڪندي جا مون ڪان پوءِ،
تنهن جندڙيءَ جو مان جهرٽو هان......“

- سعيد جي شاعري بيشڪ اها ئي گونجار آهي. سعيد ميمڻ سنڌي شاعريءَ جي گلشن جو اهو مور آهي، جنهن جي شاعريءَ جا ٻول _ ٿهوڪا عاقل (لاڙڪاڻي) مان گونجار ڪري اُڀرن ٿا تہ سموري سنڌ تي ان جو سحر طاري ٿي وڃي ٿو. مون کي اهو چوندي ڪوبہ وڌاءُ نٿو محسوس ٿئي تہ سعيد جي شاعري، اڄ جي گهُٽ ۾ ٻوسٽ واري شاعراڻي فضا ۾ مثلِ بادِ صبا ٿي اڀري آهي، جنهن جي ڇُهاءُ سندس هر پڙهندڙ جو من مهڪائيو آهي.

اڄ جي پروفيشنل جيلسيءَ جي هن دؤر ۾، جتي افسوس جو اسان جا سينئرز پنهنجي جونيئرز کي همٿائڻ تہ پري جي ڳالهہ، کين محض پڙهڻ بہ پنهنجي لائق نٿا ڄاڻن، اتي سعيد ميمڻ، کين پنهنجي حيثيت محسوس ڪرائيندي نئين ٿهيءَ ڌانهن متوجہ ٿيڻ تي مجبور ڪيو آهي. اها نہ رڳو سعيد جي ڪاميابي آهي، پر نئين ٿهيءَ تي سندس احسان پڻ آهي. اهڙيءَ طرح اهو بہ سچ آهي تہ هُن، ڪيترن ئي وڏن نالي چڙهيل شاعرن جي نالي مٿان ڪلي عام منڌيئڙو ڦيري ڇڏيو آهي؛ جيڪي اڄ سندس چڙو حوالو پڙهي چرڪي ٿا پون، ۽ اها سعيد جي شاعريءَ جي وڏي سوڀ آهي.

سعيد پنهنجي تخليقي سفر دؤران ”نيڻ سفر ۾“ کان ٿيندو، ”ڪاري بَر ۾ چنڊ“ تائين پهچندي، رستي ۾ جتي پنهنجي قافلي جي ڪوڙ سارن هڪجيڏن کان اڳتي نڪري ويو آهي، اتي هو وڏن جڳادر نام ڪنين اميرانِ ڪاروان کي بہ پوئتي ڇڏي وڃي پرتي نڪتو آهي - ۽ ايئين ڳوِتا نگر جي ڪيترن ئي پنڊتن ۽ پروهتن کي يقينن مٿس لٽل ”درد جي آيتن“ کي پڙهي، پنهنجي ڪم مايگيءَ جي احساسن جي انگاس تي تنگجڻ جو سُور ستائيندو.

اهو اسان جي اڄ جي سياسي توڙي ساهتيہ - سنسار جو هڪ وڏو

الميو آهي، جو هرڪو پنهنجي خيالي دنيا ۾ ”پنهنجي مُنهن ميان مِٺو“ يا هر ڏِسا ۾ پنهنجي ڏيڍ ـ سِري مسيت جو پيش امام يا مڙهيءَ جو مَهاڳُرو بڻيو ويٺو آهي! ليڪن ڪين ياد رکڻ گهرجي تہ وقت، جيڪو ظِلِ الاهي آهي، اهو سڀ کان وڏو منصف آهي. ڪين پل تہ پنهنجين ڳرين ۾ ٽُلهين پوٽين تي ايمان هجي، پر سعيد تي لٿل هيءُ درد جو ننڍڙو صحيفو ضرور سندن ڪوڙين دعوائن جا ڪوٽ ڪيريندو ۽ ثابت ڪندو تہ ڪير ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهي؟

سعيد ميمڻ جو زيرِ نظر مجموعو ”درد جون آيتون“ سندس ٻين شعري مجموعن کان جتي اصنافِ سخن جي اظافي ـ جِن ۾ خاص طور بيت ڏيان طلب آهن ـ جي ڪري الڳ ٿلڳ آهي، اُتي سندس فني توڙي فڪري اوسر پڻ ڪيس ٻين کان الڳ مقام عطا ڪري ٿي. سعيد پنهنجي ٻين صنفن وانگر بيت ۾ پڻ خارجي مشاهدن کي داخليت جي ڀرپور رنگ ۾ رچيو آهي. خاص طور موجوده دؤر جون ڏنل نفسياتي اذيتون ۽ غيريقينيءَ واري ڪيفيت، سندس هرهڪ صنفِ سُخن جي موضوع کي حقيقي رنگ بخشي ٿي؛ جنهن ذريعي هو قاريءَ کي پنهنجو هم خيال بڻائي وٺي ٿو ڇو تہ اهي بہ ساڳئي دؤر جي پيڙائن مان گذري رهيا آهن ـ ليڪڪ ۽ پاٺڪ ۾ پيدا ٿيندڙ اهڙي ذهني هم ـ آهنگيءَ سندس شاعريءَ جي سُندرتا ۽ سڦلتا جو اهڃاڻ آهي:

مون کان ڪِل نڪري وئي، ڏنم جيئن هُن کي،
گڏهہ ڪرسيءَ تي، ويٺو هو آفيس ۾! (بيت)

يا

فائيلن مان مُنهن ڪڍي، مون کي چنبڙي پيا،
ڪيسا ڪائي ويا، ڪُتا هُن آفيس جا! (بيت)

ناڪام رياستي انتظاميہ ۽ بيوروڪريسيءَ کي هن کان وڌيڪ ڪهڙيءَ ريت اگهاڙو ڪري سگهجي ٿو؟ طبقاتي نظام جي هاڃن مان هڪ هاڃو اهو بہ آهي تہ اُن ۾ اهليت پنهنجي اهميت وڃائي ويهي ٿي، ۽ گهوڙو ۽ گڏهہ ٻيئي برابر. بلڪ ڪن حالتن ۾ تہ گهوڙي تي گڏهہ کي ترجيح ڏني

وجي ٿي، ۽ نتيجي ۾ هر طرف مايوسي ۽ احساسِ محروميءَ جو عفريت يا راڪاس، نوجوانن جي ذهن توڙي جسم کي کوکلو ڪري، ڪٿي خودڪش ته ڪٿي ذهني مريضن جي انگ ۾ مسلسل اضافو آڻيندو رهي ٿو. ملڪي تاريخ گواهه آهي ته هر فوجي توڙي عوامي آمرانه دؤرِ حڪومت ماڻهن کي ويڳاڻپ، غيريقيني، عدم اعتماد ۽ نفسياتي مُونجهارن ۾ وڪوڙي زندگيون مشڪل بڻايون آهن. خودڪشين ۽ قبائلي جهيڙن کان وٺي شخصي بي راهه روي، اهي سڀ اُن نالي ماتر آزاديءَ جي طفيل ڏاڍ ۽ ڏمر جون سوغاتون ئي ته آهن! اهڙي ماحول ۾ پوڳنائن جي ور چڙهيل هڪ باشعور شهريءَ لاءِ فقط ٻه ئي رستا وڃي بچن ٿا: هڪ ته اعلانِ بغاوت ڪري رياستي ڪارندن هٿان مارجڻ يا پنهنجو پاڻ ئي بي روح زندگيءَ کان پاند آجو ڪرڻ، ۽ ٻيو ته شريمان "ٽرئنڪيولائيزرس" وٽ شرن وٺڻ! پهريون تڪڙو ۽ باعزت موت، فرارِ زندگيءَ يا احتجاج جو قسم آهي، ته ٻيو قدرِ گهٽ باعزت ۽ ڏيمي حالت ۾ موت، فرارِ زندگي يا احتجاج؛ ۽ اهڙين حالتن جي متاثرين ۾ وڏو حلقو حساس دل تخليقڪارن جو ئي آهي.

**دوستن جون دليون صاف ناهن حبيب!**
**ڪير ايندو اوهان جي سکر ڏي پرين؟** (غزل جو بند)

مٿئين شعر ۾ ٻه ساڳين خارجي حالتن جي نشاندهي ڪيل آهي، جتي هر ماڻهو سعيد جان چرڪيل آهي ته حبيب جان اُن جو حدف؛ ۽ اتي هر شهر سکر جان بي يقينيءَ ۽ بي اعتماديءَ جي ٽياس جو اهڃاڻ! اهڙيءَ طرح هيٺيان شعر پڻ ساڳين احساسن جي ڀرپور نمائندگي ڪن ٿا:

**زندگي هئي پڌل زنجير ۾،**
**موت آيو نجات آئي آ.** (غزل جو شعر)

**تنهنجو خالق! ڀرم ته رکڻو آ!**
**زندگيءَ سان مڙئي گذارا هن!** (غزل جو شعر)

**موت ڪستو جهليو،**
**مون حياتي ڏني.** (غزل جو شعر)

**سعيدا! پاڇو ئي ساڻ هو پنهنجو**
**پاڻ سان ئي ڪٿي هليا هئاسين!** (غزل جو شعر)

غزل ۾ سعيد ايئن آهن جيئن آجر ۾ اجير، مالڪ ۾ مزدور! غزل سعيد جي مزدوري ڪري ٿو. غزل سندس حڪم جو بندو آهي. مجال آهي جو ساڻس اِڙي ڪري! اها ٻي ڳالهه آهي تہ ڏاڍو مهانگو مزدور آهي! مزدوريءَ طور هو ڪانئس ڪهڙو اُجورو طلبيندو هوندو؟ ان جو اندازو فقط سعيد پاڻ يا سندس همرڪاب حساس دل تخليقڪار ئي ڪري سگهن ٿا.

غزل کان علاوه سعيد تقريباً سمورين مروجہ اهم شعري صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. زيرِ نظر مجموعي ۾ هُن جتي گيت، وائي ۽ بيت جهڙين قديم ڪلاسيڪي صنفن تي پنهنجي مخصوص اسلوب تحت مشقِ سُخن ڪئي آهي، اُتي هُن جديد صنفن نظم، پنجڪڙي، آزاد نظم، چؤسٽي ۽ ٽہ ـ سٽي سان بہ خوب نڀايو آهي. بلڪ صنفن متعلق ايستائين بہ چوڻ ۾ مون کي ڪو وڌاءُ نٿو لڳي تہ هر شعري صنف، سعيد جي آڱرين جي ڇهاءُ لاءِ واجهائيندي نظر اچي ٿي.

سعيد پنهنجي نظمن ۾ نهايت انوکا ۽ ڪامياب تجربا پڻ ڪيا آهن. اهڙو هڪ سندس نظم ”مان ڏِسي رهيو آهيان“ آهي، جنهن ۾ هُن نظم ۽ غزل جي امتزاج جو انوکو مثال قائم ڪيو آهي. ”سمنڊ جي ڪناري تي، اج اياز سوچي ٿو....“ پڻ پنهنجي نوعيت جو نرالو نظم آهي. هتي هو ڪن ڳالهين ۾ اياز وٽ پنهنجو احتجاج نوٽ ڪرائي ٿو جنهن جو ڪيس حق حاصل آهي، توڙي جو ان تي بحث جي ڪافي گنجائش موجود آهي. اهڙو ئي هڪ احتجاج هو پنهنجي خالق سان بہ ڪري ٿو پر اُن ۾ نماڻائي، نهٺائي ۽ ويچارگيءَ جا احساس شامل آهن:

**مان تنهنجي تخليق تي، ڪهڙي راءِ ڏيان؟**

**خالق! هيءَ دنيا، مون کي اڻ پوري لڳي!** (بيت)

سعيد ميمڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ هرهنڌ، هر موضوع تي بيباڪيءَ ۽ دليرانہ انداز ۾ فرسوده سماجي قدرن، حالتن تي طنز ۽ سياسي، سماجي ٺيڪيدارن جي منافقانہ روين تي زوردار وار ڪندي هرگز نٿو ڪيٻائي، اها بہ سندس بطور شاعر هڪ اظافي خوبي آهي:

**قوم ڏسندي نہ سا ڪاميابي ڪڏهن!**

**جنهن جي اڳواڻ ۾ بي ضميري رهي!** (غزل جو شعر)

بطور شاعر، جتي هُن جي عقابي نگاهہ پنهنجي پوري سماجي شعور سان، آسپاس تي جميل نظر اچي ٿي، اُتي هو پنهنجي ماضيءَ جي روايتن کان بہ ناتو نٿو ڇني. سنڌ ڌرتيءَ جي ساڃاهہ ۽ سڃاڻپ، تصوف جو رنگ پڻ هن جي شاعرِيءَ ۾ جابجا نظر اچي ٿو ۽ سو بہ ڏاڍي جديد ۽ سگهاري رنگ ۾..... پٺائيءَ کي هو ”بابا“ چئي مخاطب ٿئي ٿو تہ، سائين جي.ايم.سيد جي وحدة الوجودي صوفياڻي رويي، توڙي سندس قومي خدمتن جي عيوض کيس ياد ڪري ٿو. هيٺيون شعر سندس صوفياڻي رويي جو نہ صرف ساکي آهي، پر اسان سمورن لاءِ سوچن جا سوين دروازا کولي ٿو ڇڏي!

**ڏنو خدا کي اکين سان مون پنهنجي پاڙي ۾،**

**نہ ڪنهن مسيت، گليسا، نہ ڪنهن شِوالي ۾.** (غزل جو شعر)

سعيد ميمڻ پاڻ بہ پنهنجي مزاج ۾ مون کي مُنهنجو همزاد ۽ صوفي منش لڳندو آهي. ساڻس پهرئين ملاقات ڪافي عرصو اڳ سکر شهر ۾ محترم ادل سومرو پاران ڪرايل نثري نظم جي پهرئين مشاعري جي موقعي تي ٿي هئي، ۽ ان کان پوءِ اسان جون ملاقاتون صرف پنهنجين لکڻين وسيلي ئي ٿينديون رهيون. تن ڏينهن اجا کيس رڳو مُڇن جي ساوڪ ئي هئي، پر وري جڏهن ٻيهر ملياسين تڏهن مون ڏٺو تہ وقت سندس وارن تي چانديءَ جي پاڻيءَ جي ورڪا ڪري ڇڏي هئي......... واهہ! فڪر سونو وار چاندي! ڏاڍو وڻيو ۽ مٿان وري جڏهن پنهنجي زيرِنظر شعري مجموعي کي ڇپرائڻ ۽ مون کان مهاڳ لکرائڻ جي ڳالهہ ڪيائين، تڏهن مون کي

خوشيءَ سان گڏ. منهنجوان هستيءَ ۾ ويتر ايمان پختوٿي ويو جنهن جا بي شمار نالا آهن.

سچ تہ سعيد ميمڻ تي لکندي مون کي پنهنجي شاعر هجڻ تي عجيب خوشي محسوس ٿي رهي آهي، جنهن جو اظهار لفظن ۾ مشڪل آهي. جنهن شخص کي مون سدائين برملا پاڻ کان وڌو شاعر ڄاتو هجي ۽ جنهن کان خود مون کي پنهنجي ڪمزور شاعريءَ لاءِ اتساهہ ۽ سگهہ حاصل ڪرڻ خاطر ڪجهہ لکرائڻ جي چاهنا هجي، ان تي آءٌ ڪا راءِ ڏيان، اهو ڪم مون لاءِ ڪيڏو اوکو عمل هوندو ان کي شايد ڪو بہ نہ ڄاڻي سگهي.

سعيد! آئون تنهنجي شاعريءَ تي لکڻ جو حق ادا نٿو ڪري سگهان، اها حقيقت آهي بس، تنهنجي حڪم عدوليءَ جو ڏوهہ نٿي ڪري سگهيس، تنهن ڪري اهو ٿورڙو ڪجهہ لکي پاڻ کي خوشنصيبن جي لسٽ ۾ لکرائيو اٿم شال قبول پوي!

”مان تنهنجي تخليق تي، ڪهڙي راءِ ڏيان؟“
تنهنجون دردنِ آيتون، اڙي سعيد ميان!
سِٽون جڻ تہ صراحيون، اوتيو مَدِ پيان،
وينو ساڻ ونديان، گڏجيو شاهہؒ ۽ شيخؒ سان.

- آسي زميني

31 ڊسمبر 2008ع
”سليٽ“ دانش گاهہ
منصوريہ آشرم
ٽنڊو قيصر

# سعيد، هڪ البيلو شاعر

”درد جون آيتون“ زميني مقدس صحيفا لکندڙ لاءِ ”سعادتون“ ئي هونديون آهن. جن تي اسان عقيدت پريا هٿ اڪثر ڪري وضوءَ ڪري رکندا آهيون. ”سانورو يا جوڳي....؟ هو ڇا به هجي... پر دل جو هو نهايت سادو سپاجهو ۽ جلدي اعتبار ڪندڙ آهي... هو ڪنهن اُباڻڪي ٻار وانگي لڳندو آهي.

هُن جو مونسان اڳ جو تعارف رڳو هڪ اهڙي سنڌي لکندڙ شاعر جو هئو جيڪو ڪنهن ”بيماري“ سبب اسان ڏي واجهائيندڙ ۽ ڏسندڙ ”تيماردار“ جي ڳولها ۾ هجي. مون هُن جو هڪ شعر نه بلڪ صرف ڪجهه شعر پڙهيا هئا. جن کي آڏو رکي سپ اهڙو لکجي ويو جو اڄ ڪتاب جو ليکڪ ”سعيد ميمڻ“ مونکي ٿو چئي ته ، ”منهنجي ڪتاب تي لِک.... ڇا به لِک.... پر لِک ضرور....!“ پر مون لاءِ نهي جُڙي لکڻ انتهائي ڏکيو آ _ پر تڏهن به جهڙو حال آهي، حاضر آ!

زندگيءَ ۾ الائي ڪيترا دفعا مان پنهنجي ننڍڙي ڳوٺ جي وڏڙي اڱڻ تي لڱل ڪجيءَ هيٺان پَل گهاريا آهن پر هاڻي رڳو هي نه، بلڪ جتي به ڪجين جا وڻ ڏسندي آهيان، اُتي ”سعيد“ جا اهي پل مونکي اچانڪ ڪجيءَ جي اوٽ مان سج يا چَنڊ کي پَسندي ۽ ڏِسندي اکين تي تري ايندا آهن؛ جن ۾ هُن ڪان ڪائي ”حسينا“ وِڇڙي ويئي _ پر ويندي ويندي هِن کي وڇوڙي جي روڳ ۾ جوڳ ڏيئي، اسان کي ”تخليق“ جو هڪ نئون جهان، نئون زمانو ۽ سانورو سعيد ڏيئي ويئي... جنهن لاءِ ”سعيد“ کي ”هُن جو ٿورائتو هُئڻ گهرجي، جڏهن هُن پاڻ ان لاءِ چئي به ڏنو ته هو ”جيڪا سمنڊ به آ سراب به آ...!“

**هو وري ياد چو پيو آهي؟**

**ڪين دل کان اجان ڀُليو هوندو.**

شاعر، جنهن لاءِ جيمسپر مين چيو آهي ته ”شاعر ۽ شهنشاهه“ روز روز پيدا نه ٿيندا آهن؛ سو ”سعيد“ جهڙا به شاعر روز ناهن پيدا ٿيندا. ”منهنجي

جيءَ کي امان ڏي“ جي ”دعا“ چا ته خوبصورت لفظن جو حسين امتزاج آهي! بلڪ نماز پڙهڻ کانپوءِ اگر اوهان کا ”دعا“ وساري ويهو ته هي لفظ پڙهي ”رب“ جي بارگاه ۾ اماڻي ڇڏيندا ته. ”دعا“ پنهنجي ”دشا“ ڪڏهن نه وساريندي۔ جيئن:

منهنجي چوطرف رڳي رات آ،
مون لاءِ روشني منهنجي ذات آ.
مونکي روشنيءَ جا جهان ڏي،
منهنجي جيءَ کي امان ڏي!

دعائون ۽ پرارٿنائون سڀن جون ساڳيون هونديون آهن، بس گهرڻ جو انداز مختلف هوندو آ. سماج ۾ ٿيندڙ انياءَ ۽ ظلم کان پلا سعيد منهن ڪيئن ٿو موڙي سگهي!؟ هو رهي ٿي اهڙي ضلعي ۾ ٿو جيڪو سخت پاري ۾ به شعلن ۽ باه جيئان ٻرندو رهي ٿو. ”سنڌ“، جنهن ۾ ”نيلاميءَ“ جا بينر ۽ ڪارڊ ڪٽي، ماڻهو پنهنجو واڪ ڏئي ٿو تنهن تي سعيد جون هي سٽون ڪنهن ”چماٽ“ کان گهٽ ناهن ته۔

”ننگ غربت جا نيلام ٿيندا رهيا،
واڪ ڏيندي ۽ وٺندي اميري رهي.“

اولاد جي سياءُ ۽ رويي تي مليل ”والدين“ کي... تحفو اولاد جو به.... هِنن سٽن ۾ ڪنهن آئيني کان گهٽ ناهي ته۔

هٿ ڇڏائي وئي جنهن کان اولاد پيي،
سو سهارو تلاشيندي پيري رهي.

سندس شاعري، انساني فطرت ۽ عادت جي اُها عڪاسي آهي، جنهن ۾ هر ماڻهو (جي چاهي ته) پنهنجو پاڻ ڏسي ۽ سمجهي به سگهي ٿو. محبت ۾ ”معيار“ ڏيڻ ته سعيد شايد سکيو ئي ناهي. پر تڏهن به، ڪا معيار ”معيار“ نه هئڻ جي باوجود پنهنجي لاءِ وڏو درد ۽ ڏوراپو پڻ هوندي آ. هٿ ۾ هٿ ڏيئي جنهن سان جيوَن ٿو گهارڻ ماڻهو چاهي، ان کان سموري زندگي ڏار رهي گذارڻ ـ ڪمال آ...! هجر جو وصال سان پلا ڪهڙو تعلق؟ ”فراق“ جو درس مون لاءِ ساهه ڪٽڻ وانگي آ ۽ وصل مون لاءِ ”موت“ جيئان آهي. انهيءَ کي ڄاڻيندڙ ئي دراصل بقا ۽ فنا جي فلسفي کي سمجهي سگهن ٿا ـ باقي نيڻن ۾ سپنا ته تيستائين هوندا، جيسين ڪائنات ۾ ذري به ”جوت“ رهندي.

ساپيائون ماڻڻ وارا هڪ جڳهه تي ويهي رهندا آهن، پر سپنا لهندڙ هر جڳهه تي ٿَڪَ بہ ڪونہ پجندا آهن؛ پوءِ پل سعيد هيئن ئي چوندو رهي ٿو...

”اسان جيڪي نيٽن ۾ سپنا سجايا،

نہ تِن ماٽي ساپيا، ڏنا سي اجايا.

شاعريءَ جو سفر اڙانگو آهي، هر پوگنا ۾ وارتا ”ماءُ جي ڪُک ۾ بار“ جيئان آهي، جيڪا انتهائي ڏکوئيندڙ ۾ ايذائيندڙ بہ آهي پر.. ”تخليق“ اولاد جيئان ئي مِٺي ۾ پياري بہ آ.. ۾ ”اولاد“ اميد ۾ نراسائيءَ جو هڪ پاڇو بہ آ ـ جنهن جو اندازو سعيد جي شاعريءَ ۾ بہ سرس نظر ٿو اچي، تڏهن تہ هو نہ چاهيندي بہ هيءُ شعر لکي وِيٺو تہ:

”سعيد عمر وڃائي چڏيسين شعرن ۾،

پئي مهانگي اسانکي هي ف ۽ ن جي ڳولا (فن)

هِن ڪتاب جو ”ڪُلُ“ هڪ پل ۾ اوهان کي ”سُر سانوري جوڳيءَ“ جو گيڙو رتل روپ پسائي ٿو ڇڏي، سندس اِهو ”سُر“ اوهانکي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سچل سائين ۽ ساميءَ جي ”سفر“ سان گڏ گڏ هلڻ تي مجبور ڪري ٿو. اوهان گهڙيءَ ۾ سمنڊ، جبل ۽ صحرا جا راهي ٿي پئو ٿا، جتي ”سعيد“ سين سان گڏ، وڏي ميڙ ۾ بہ جڳهہ والاري ڇُڪو آهي.”ست“ ”ست“ هِن سُر جي، اوهانکي ”لاهوت“ جو سفر ئي محسوس ٿيندي ۽ اوهان ”سعيد“ سان هِنن سِٽن آڌار گڏ هلي ٿا پئو قافلي ۾ ـ

”مونن مٿان مُنهن رکي، ڪيسين واجهايون،

سعيد وڃن ٿا قافلا، پاڻ بہ اُٿ ڪاهيون،

سانده وينا هِيون، هن لئہ چو هيئن واٺ ۾؟

”سعيد“ هڪ ئي وقت غزل، وائي، بيت ۽ گيت جو البيلو شاعر آ جنهن ۾ ”موسيقيت“ کي بہ اوهان محسوس ڪندئو تہ اوهان ڪيس پڙهندي پڙهندي ”تو رمتا جوڳي“ جو پڙاڏو بہ ٻُڌي سگهو ٿا، جيڪو دراصل سعيد سانوري جي اُها سڃاڻپ آهي، جنهن تي ”اڄ“ ڪچڻ ڪان ۽ ڪجهہ چوڻ کان لاچار آ پر ”سياڻي“ اِهو ”جوڳي“ هر وات تي ۽ هر دل تي هوندو. ڪو گيت، غزل ، وائي ۽ پنهنجي ئي ڇيل ”سُر“ جي پڙلاءُ ۾، جنهن جو ”آلاپ“ ڪو.... جوڳي.... يا فقير جهر جهنگ ۾ پيو جهونگاريندو... ۽ وجد مان پيو ڳائيندو:

سادگيءَ ڦند ڪوئي نہ سکيو ڪڏهن،
سعيد! ساڳي اسان جي فقيري رهي.

تڏهن بہ سعيد کي هڪ التجا تہ پاڻ پنهنجي هِن شعر کي پاڻ تي ”حاوي“ ڪندي، سدائين لفظن جا ماڻڪ ڪتابن جي صورت ۾ پڙهندڙن کي ارپيندو رهي-

”ڪو نئون عشق ٿو سڏي دل کي،
سعيد! ماضيءَ سڏي جهليو هوندو.“

”عشق“ پراڻي شراب جيئان هوندو آهي.... ان لاءِ ”وکر سو وهاءِ“ جو.. هيءُ.... پنڌ.... سعيد کي ڪنڌ مٿي ڪٽي ڪرڻو پوندو. باقي رهيون ”دعائون“! سو اسان جا هٿ سندس لاءِ ”دربارِ حبيب ۾“ ڪڇيل هئا ۽ سدائين ڪڇيل رهندا... باقي مٿيءَ جو سفر...؟؟؟ سڀ ڪنهن جو.... هٿئين خالي.... تو چواڻي....

ساڻ نہ آهن ست، ساٿي سڀ ڇڏي ويا،
ڇاڇا ڏنئہ زندگي، ڪهڙي ڪريون ڳت،
ڪٽي خالي هَٿ، موٽياسين مٿيءَ ۾.

سعيد جي سموري شاعري پنجابيءَ جي هن شعر جيئان آ، جنهن ۾ ڪنڊ ۽ زهر ٻئي مليل ۽ رچيل بہ آهن... ۽ ڏار ڏار بہ آهن:

ميري خيال اندر اوه شاعر، شاعر هُندا:
کهنڊ کهنڊ نُون، زهر نُون زهر آکهِ.

- **فوزيہ بانو**

نوشهروفيروز سنڌ.

# شاعر پاران

اها ڳالهه اسين سڀئي ڄاڻون ٿا تہ شعر جي عمارت ٻن شين سان تعمير ٿئي ٿي، هڪ شاعر جي داخلي تجربن سان جن کي، تخيل جي مدد سان شاعر ظهور ۾ آڻي ٿو ۽ ٻي شاعراڻي ٽيڪنڪ يا صناعي، جنهن سان هو پنهنجي شاعراڻي تخيل کي ڪا موزون شڪل ڏئي ٿو.

ترتيب ۽ توازن فن لاءِ بنيادي حيثيت رکن ٿا. انهن ٻنهي عنصرن کانسواءِ شاعر جو اظهار اثرائتو نٿو رهي. ڪلاسيڪي شاعري، جيڪا گهڻي وقت گذرڻ کانپوءِ بہ نوبني ۽ اثرائتي لڳندي آهي، ان جو سبب بہ اهو ئي آهي تہ منجهس ترتيب، توازن ۽ لافاني تخيل موجود هوندو آهي.

شاعريءَ ۾ ترتيب ۽ توازن سان گڏوگڏ خيال جي وسعت ۽ زندگيءَ جي بنيادي موضوعن (جيڪي سيني انسانن جي داخليت جي عڪاسي ڪندڙ هجن) جي اهم حيثيت هوندي آهي، ڇو تہ جيڪڏهن شاعريءَ ۾ انسان جي بنيادي جذبن جو سگهارو اظهار نہ هوندو ۽ شاعري صرف اڇاتري ڪيفيتن جي عڪاسي هوندي، تہ اهڙي شاعري دائميت جو درجو حاصل ڪري نہ سگهندي، جيئن جيڪس مارٽين (Jaques Maritain) پنهنجي ڪتاب (The Creative Intuition in art and poetry) ۾ لکيو آهي تہ ”شاعري محض شعر گوئي نہ آهي، پر ان کان وڌيڪ عمومي ۽ ابتدائي عمل، يعني شين جي باطني وجود ۽ انساني انا جي باطني وجود وچ ۾ لاڳاپو يا انسيت.“

اها حقيقت آهي تہ شاعري انسان جي نفيس احساسن جو خوبصورت اظهار آهي. شاعر جي رنگين تخيل سان ڪائنات جي هر منظر ۾ عجيب جاذبيت، سحر ۽ سونهن سمائجي وڃي ٿي. اهي حقيقتون، واقعا يا منظر جن تي روز مره جي زندگيءَ ۾ اسان جي نظر اڇاتري گذري وڃي ٿي، اُهي جڏهن ڪنهن سٺي شاعر جي سهڻي ۽ ادراڪ ڀرئي اظهار ۾ ظاهر ٿين ٿا، تڏهن اهي اسان جي من تي عجيب ڪيفيت طاري ڪري ڇڏين ٿا ۽ اسان

ڪي اهو احساس ٿئي ٿو تہ اسان انهن شين/منظرن کي ڪيئن نہ سطحي نظرن سان ڏسي نظرانداز ڪري ڇڏيو هو! حقيقت ۾ هر منظر ۾ ڪا نہ ڪا معني، مفهوم ۽ رمز پريا اشارا لڪل هوندا آهن.

پنهنجي شاعريءَ متعلق ڪجهہ لکڻ کان پهرين فرانسيسي نقاد پال ڪلائوديل (Paul Claudel) جي فنڪار لاءِ ڪيل نصيحت جو ذڪر ڪندس. هو چوي ٿو تہ ”جيڪو فنڪار پنهنجي فن جي طرف توجهہ ڏياري سو رَسيءَ تي هلندڙ ان ڪرتب ڪار جيان آهي جيڪو ڏسڻ وارن کي پنهنجي پيرن جي طرف متوجهہ ڪندو هجي. فن جون مقدس دوشيزائون زور زبردستيءَ کان گهبرائينديون آهن........“ سو ان ڳالهہ کي ڌيان ۾ رکندي مان پنهنجي شاعريءَ متعلق وضاحتون ڪرڻ بدران اها جيئن آهي تيئن توهان آڏو رکڻ چاهيان ٿو جيڪڏهن ان ۾ ڪجهہ متاثر ڪرڻ جهڙا جزا هوندا تہ اهي توهان جي حساس دلين تي ضرور اثر ڇڏيندا. باقي هڪڙي ڳالهہ چوندس تہ شاعريءَ جون سيئي صنفون لکڻ باوجود مون غزل کي پنهنجي اظهار جو ڀرپور وسيلو سمجهيو آهي.

منهنجي شاعريءَ تي ڪهڙن شاعرن جو اثر آهي. ان بابت مان راجرڪيلوئس (Roger caillous) کان اُڌارا لفظ وٺي چوندس تہ، ”مون ڪنهن جي تقليد نہ ڪئي آهي. مون ڪمزوريءَ وچان شاندار ۽ رعب انگيز شعر چوڻ جي خواهش آڏو سر نہ جهڪايو آهي. منهنجا قانون، منهنجا اصول، منهنجو مزاج انهن سيني جو سرچشمون منهنجي پنهنجي طبيعت آهي، پر مون ڪڏهن بہ پنهنجي چوڌاري موجود ڪائنات کان جدا هئڻ جي نمائش ناهي ڪئي ۽ ٻين شاعرن ۽ ٻين انسانن کان ڇاٽي واٽي پاڻ کي جدا نہ ڪيو آهي. مون سوچيو آهي تہ منهنجي لاءِ پنهنجي خلوص ۽ خودمختياريءَ جي اظهار لاءِ اهو ئي بهترين طريقو آهي، تہ خاموشيءَ سان جيڪي مونکي لکڻو آهي لکندو هلان.......

سائين تاجل بيوس مونکان ڪڏهن پڇيو هو تہ ”سعيد! توکي شاعريءَ لاءِ انسپائريشن ڪيئن ملندي آهي؟“ مون چيو هو تہ مونکي حُسن يا خوبصورت نظارن ڏسڻ سان شاعريءَ لاءِ انسپائريشن ملندي آهي. پنهنجي

ڳوٺ عاقل ۾ سرنهن جي ڦولار، رابيل ۽ گلاب جي گلن جا ٻارا، زيتونن جا باغ ۽ انهن ۾ وهندڙ واهيون ۽ واها، ڪٽڪ ۽ سارين جا جهومندڙ فصل، صبح سمي نيرڙي پاڻيءَ ۾ مرڪندڙ ڪنول جا گل، سانجهيءَ جو لهندڙ سج، عاقل جي پراڻي قبرستان جون اُداس قبرون ۽ قبرن پرسان نِمُن، سنجهين ۽ ڪنڊين جي وڻن مٿان ويٺل اڪيلا پکي، نيري آڪاس ۾ اڇن ڪبوترن جا اُڏامندڙ ولر، سانجهيءَ جو سنڌوءَ ڪناري مهاڻن جا ميرانجهڙا ٻيڙا ۽ ٻيڙيون، چوڏهينءَ رات سنڌوءَ جون مست ڇوليون... اُنهن سڀني منظرن مان مونکي انسپائريشن ملندي آهي.

هتي مونکي روبن اسڪيلٽن جي ڪتاب The Poetic Pattern جون اهي سِٽون الائي ڇو ياد ٿيون اچن جن ۾ هن چيو آهي، ”فطرت جي انهن مظهرن کي، جن کي عام ماڻهو انسان کان غير متعلق سمجهندا آهن، شاعري انهن کي انساني تشخص بخشيندي آهي، شاعريءَ ۾ وڻ، گل، بادل، دريا، پهاڙ سڀ انساني صفتن سان نوازجي ويندا آهن.“

شاعريءَ ۾ مونکي علامتي اظهار بيحد پسند هوندو آهي. ڇو ته منهنجي خيال ۾ اهڙو اظهار ئي هر دؤر ۾ شاعر کي زنده رکي ٿو. جيئن نقاد David Daiches جو چوڻ آهي ته ”علامتي شاعريءَ جي خصوصيت اها هوندي آهي، جو ان جو بار بار مطالعو ڪرڻ سان ان شاعريءَ جي لفظن ۾ معنائن جو اضافو ٿيندو رهندو آهي.“ علامتي اظهار ئي شاعريءَ جي تاثر کي ڀرپور بڻائيندو آهي ۽ اُن ۾ گهرائي ۽ اظهار ۾ وسعتون پيدا ڪندو آهي.

اهو فيصلو ته نقاد ۽ اوهان پڙهندڙ ئي ڪري سگهو ٿا ته منهنجو شاعريءَ ۾ الڳ اسلوب آهي يا نه؟ مون شاعريءَ ۾ نوان رجحان ۽ نيون راهون جوڙيون آهن يا نه؟ منهنجي شاعري جديد دؤر جي تقاضائن سان مطابقت رکي ٿي يا نه؟ پر مان ايترو ضرور چوندس ته مون جيڪي ڪجهه لکيو آهي، ان ۾ مون فن سان انصاف ڪرڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي آهي، پوءِ ان ۾ ڪامياب ويو آهيان يا نه؟ اها ٻي ڳالهه آهي.

جڏهن به مون ڪجهه لکيو آهي ته اها تخليق ڪيترن ئي مرحلن مان

گذري پوءِ ئي چيچڻ لاءِ ويندي آهي، جڏهن مان اهو محسوس ڪندو آهيان تہ اها پنهنجي ”مڪمل“ هئڻ جو احساس ڏياري ٿي پوءِ...! مون شاعريءَ کي صرف محبوبا جي حسن تائين محدود ناهي رکيو پر ڪوشش ڪئي اٿم تہ ڌرتيءَ جي هر منظر ۽ انسانن جي مڙني ڪيفيتن جو اظهار ڪري سگهان.

”درد جون آيتون“ ۾ مون ڪجھ بيت بہ شامل ڪيا آهن. گهڻا بيت مون وٽ پيا آهن جيڪي بعد ۾ ترتيب ڏئي ڇپائبا. بيت لاءِ مان چوندس تہ بيت شاهہ لطيف جي شاعراڻي ڇهاءَ سان فن جي بلندين تي پهچي ويو. شاهہ لطيف جا بيت واقعي بہ آيتون آهين. سندس لفظن جو جَڙاءُ ۽ سِٽ سِٽ ۾ تجنيس حرفيءَ جو ڪمال ٻئي ڪنهن بہ شاعر ۾ اهڙو نٿو ملي.

لطيف کانپوءِ شيخ اياز سنڌي بيت کي نوان رنگ ۽ انوکا ڍنگ ڏئي نئين زندگي ڏني. سندس شعري مجموعي ”ڪپر ٿو ڪُن ڪري“ ۾ ڇپيل بيت جيءَ ۾ سانڍڻ جهڙا آهن. اياز تہ اهو شاعر آهي جنهن سنڌي شاعريءَ جو مزاج بدلائي ڇڏيو. اياز نہ صرف پنهنجي همعصرن کي متاثر ڪيو پر ان کان پوءِ هر ايندڙ ٽهي اياز جي شاعريءَ کان متاثر ٿيندي رهي آهي. اياز کان پوءِ تاجل بيوس مونکي بيت جو سگهارو شاعر لڳندو آهي. تاجل بيوس، جيڪو اسان کان تازو ئي وڇڙي ويو! هن جي شاعريءَ ۾ ٺيٺ سنڌي لفظ ۽ سنڌ جي ڪلچر جا انوکا عڪس ملن ٿا.

مونکي پاڻ متعلق ڪابہ خوش فهمي ناهي تہ مان بہ ڪو وڏو شاعر آهيان. مان اڄا پاڻ کي سيکڙاٽ شاعر ئي سمجهان ٿو. اوهان کي منهنجي شاعريءَ ۾ ڪافي نقص ۽ خاميون نظر اينديون. پر اها ڳالهہ مان ضرور چوندس تہ مون جيڪي ڪجھ لکيو آهي، اهو سچائيءَ سان لکيو آهي.

هر برٽ ايلس (Herbert Ales) چواڻي تہ ”جيڪي ڪجھ دُنيا ۾ ٿي سگهي ٿو سو بيان ڪري سگهجي ٿو پر. ضرورت رڳو اهڙي ماڻهوءَ جي آهي جو ان کي بيان ڪرڻ ڄاڻندو هجي.“ سو مان ”اهو بيان ڪرڻ“ تي دسترس نٿو رکان پر، انساني جذبن ۽ ڪيفيتن جي سچائيءَ پرئي اظهار جي هڪڙي ننڍڙي ڪوشش ڪئي اٿم.

هي موقعو تہ ناهي پر حياتي الائي مهلت ڏئي الائي نہ. مان ڪجھ اعتراف ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان.

هڪ اهو تہ ”ڪجين واري شهر“ ۾ هُن سان ملاقات ٿيڻ منهنجي زندگيءَ جو هڪ وڏو حادثو هو جنهن سان مان جنون جي حدن تائين وڃي پهتو هوس، ۽ ديوانگيءَ جون حَدون اورانگهيندي وڃي ڊپريشن جي ڏٻڻ ۾ ڪريس. ڪافي عرصو ڊپريشن ۾ رهيس، ان مان تہ آخر نڪري آيس پر دل ۽ دماغ ٻئي ڏَڪِي ڪري موٽيس. دل کي هاءِ بلڊ پريشر نصيب ٿيو ۽ دماغ کي تڪليف سبب جسماني جهٽڪا اچڻ لڳا. جنهن ڪري هٿ ڏڪڻ لڳندا آهن ۽ هٿن ۾ موجود شيون ڪري پونديون آهن. اها تڪليف اڃا پوڙهيان پيو.

ٻي ڳالھ اها تہ جڏهن منهنجي مٿان جنون طاري هيو تڏهن جنهن کي چاهيو هيم، ان جو نالو بي تحاشا منهنجي شاعريءَ ۾ اچڻ لڳو هو جنهن سان هُن کي ڏاڍي تڪليف پهتي هوندي، ۽ شايد اهو ئي سبب آهي جو هُوءَ پس منظر ۾ هلي ويئي. مونکي پنهنجي ان غلطيءَ جو احساس ڏاڍي اذيت ڏيندو آهي. ڪاش! هوءَ مونکي معاف ڪري سگهي. ڪتاب جي نالي ”درد جون آيتون“ جي حوالي سان ٻڌائيندو هلان تہ چار پنج سال اڳ هي بہ سِٽون مونکان خواب ۾ جڙيون هيون:

**ٻڌيو طور سينا اسان جو هينئو**
**اسان تي لٿيون درد جون آيتون.**

مون ننڊ مان جاڳڻ کانپوءِ اهي بہ سٽون لکي ڇڏيون پر ڪڏهن انهن کي وڌائي غزل ڪرڻ جو خيال ئي نہ آيو. جڏهن هيءُ ڪتاب سهيڙڻ وينس تہ الائي ڇو اُهي بہ سِٽون بار بار منهنجي ذهن ۾ اچڻ لڳيون. نيٺ مون انهن ئي سٽن مان ڪتاب جو نالو ”درد جون آيتون“ چونڊيو. توهان کي خبر هوندي تہ ”آيت“ جي لغوي معنيٰ آهي ”نشاني“ جيئن تہ منهنجي شاعريءَ ۾ ”درد“ جو ذڪر ڪجھ سَوايو آهي، سو مونکي اهو نالو ئي مناسب لڳو.

مان ڏاڍو ٿورائتو آهيان پنهنجن پيارن دوستن ستار سُندر ۽ بخشل باغيءَ جو جيڪي عاقل اڇي هن ڪتاب جو مسودو ڪٽي ويا ۽ ڇپائيءَ جو

بار پاڻ مٿان کنيائون.

ٿورا دلبر دوست آسي زمينيءَ جا، جنهن ڪتاب جو مهاڳ لکيو آهي. منهنجي اها دلي خواهش هئي ته آسي مهاڳ لکي، ڇو ته هو منهنجو هم عصر ۽ هم مزاج آهي.

مانواري نثار ڪوڪر ۽ مانواري فوزيه بانو جا به لکين ٿورا، جن تاثر لکي مان بخشيو.

آخر ۾ اها ڳالهه وري به چوندس ته منهنجا شاعراڻا تجربا ۽ محسوسات، جيڪڏهن اوهانکي پنهنجا لڳن ٿا ۽ انهن ۾ توهان جي جذبن جو اظهار آهي، ته مان پڪ سمجهندس ته منهنجون ڪوتائون سڦل آهن.

عاقل

20 ڊسمبر 2008ع

- سعيد ميمڻ

# موهن ۽ عاقل جو سنگم

سانجهيءَ پڄاڻان عاقل ڳوٺ جون تاريخي گهٽيون توڙي جو اڄ موهن جي دڙي جي ور وڪڙ پيچرن جيان ويران ڀاسن ٿيون. ۽ ڳوٺ جون مشهور اهم شخصيتون اهو سڀ ڪجهه ڄاڻڻ کان لاچار آهن. پر زيتونن جي وچ باغن ۽ سنڌوءَ ڪپ تي قائم هيءُ ڳوٺ اڄ سعيد ميمڻ جي ڳوٺ سان مشهور آهي. ايئن جيئن عاقل ۾ سعيد جو گهر "دانش جو گهر" سان سڃاتو وڃي ٿو. تيئن هي ڳوٺ به "سعيد جو ڳوٺ" جي سڃاڻپ ڏاري چُڪو آهي. اهو ئي سبب آهي جو سعيد جي ڪوتائن ۾ عاقل جي ناٺ جي خوشبوءِ ڪجهه سرس ئي نظر ايندي. ۽ پاڻ هيءُ چوٿون شعري مجموعو عاقل کي ارپي سرهائي محسوس ڪري ٿو.

"درد جون آيتون" ۾ سنڌس اهي رچنائون شامل آهن. جيڪي ڪجهه نه منظرِعام تي آيل آهن ۽ ڪُجهه نڪور نه ڪي وري مٽيءَ جي دز چڙهيل اهي لازوال رچنائون آهن. جن کان هو پاڻ به بي خبر هو- بلڪل پنهنجي بي ترتيب زندگيءَ جيان! سعيد جون انيڪ ڪوتائون مون هڪ رات سنڌس گهر جي پراڻن ۽ ڦاٽل ڪتابن جي وچ مان ايئن ڪوٺي ڪڍيون هيون. جيئن موئن جي دڙي مان ڪنهن تاريخي ۽ ناياب مورتيون ۽ سونيون سرون ڪڍيون هجن.

"درد جون آيتون" ۾ اهي الهامي آواز آهن. جيڪي هو بيساخته ڀَنن تي ٻٽاريندو ويو آهي. مون سنڌس اکين ۾ درد جون اُهي آيتون لهندي ڏٺيون آهن. جيڪي هڪ پوڙهي پاڙيسري ٽيگور جي ٽيگور نه هجڻ جو شڪ ڀائيندي اکين ۾ ڏٺيون هيون ۽ جيڪي زرينا. سنڌ جي مهان ڪوي ۽ پنهنجي ور شيخ اياز جي اکين ۾ لهندي ڀسيون هيون. سعيد جي اکين جون سموريون چلولايون ۽ دردن جا پهاڙ ڪرندي هنن اکين پسيا آهن. پر سنڌس زخمن تي پها رَکڻ جي سگهه مون سميت اڃا ڪنهن به نه ساري آهي.

ٻٽيو طور سينا. اسان جو هنيون.

اسان تي لٿيون، درد جون آيتون.

ان ڳالھ کان انڪار نہ ٿو ڪري سگھجي تہ سعيد جي شاعري، اڪين جو رستو چيري هيئين سان هنداڻ جي ڀرپور سگھہ رکي ٿي. هن وَٽ لفظن ڳولا ناهي پر لفظ خود سندس متلاشي رهن ٿا. هو لفاظيءَ کي خيال جو موت سمجھي ٿو. سادن، سلوڻن ۽ معنيٰ خيز لفظن سان ڀريل سندس ڪوتائن جا رنگ هر اها اک ڀَسي ٿي، جنهن اندر محبت جي مايا هر رُخ کان روشن آهي. هو ڪاڪ ڪنڌيءَ جو اهو ناڪئو آهي، جيڪو ڳجگوڙ گھٽائن ۾ لفظن جي لهرن سان مومل کي مينڌري ۽ مينڌري کي مومل سان ملائي سرهو ٿيندو آهي. سندس هڪ مقبول غزل، جيڪو هو ڪنهن بہ مجموعي ۾ شامل ڪرڻ کان نابري واري ويٺو هو ۽ اهڙين لکيل رچنائن تي هو هاڻي پڇتاءُ ڏيکاري ٿو. پر منهنجي ۽ ڪجھہ ٻين دوستن جي گھڻي اصرار تي، هو نيٺ هن مجموعي ۾ اهو غزل شامل ڪرڻ تي رضامند ٿيو. هي غزل سندس اندر جو اهو آئينو آهي، جنهن جا ڏنڏلا ڏنڏلا عڪس هو پاڻ بہ ڀَسي ٿو ۽ اسان سيني کي بہ ڀَسائي ٿو مطلع سميت ٻہ بند:

هر شعر حسينا جو هر بات حسينا جي،
هر ڏينهن حسينا جو هر رات حسينا جي.

آواز ڪيو هَلڪو هر ڳالھ چئي هوريان،
سوچيوسين متان پڙڪي، جذبات حسينا جي.

وڃ چَنڊ! ستارن سان، رَستي ۾ اُجالا ڪر،
اڄ رات هتان ويندي، بارات حسينا جي.

سعيد جي سموري زندگي جڻ تہ سندس ڪوتائن ۾ قيد هجي، ايئن تڏهن ٿو ڀاسي جڏهن سعيد جا غزل، بيت، وايون، نظم ۽ پنجڪڙا پنهنجي انفراديت سان هڪ اهڙي رستي ڏانهن نيو ٿا وڃن، جتي ڪي ڏکي سفر جا مسافر گھاٽي وڻ جو ڇانورو ڏسي ٽڪ پيجڻ لڳن. اڪيون اڻ جاڻائيءَ ۾ زمين جي اهڙي ڪنڊ تي ٽِڪ ٻڌي بيهن ٿيون، جتي چنڊ ستارن جي جھرمٽ ۾ پنهنجي هُجڻ جو احساس پُختو ٿيڻ لڳي، ۽ بار بار ڪنڌ ورائي ڏسڻ سان بہ اندر جي اُڃ نہ اُجهامي سگھي. ايئن ئي سعيد جون سِٽون ڪو بہ پڙهندڙ

هڪ ڀيرو پڙهڻ ڪانپوءِ بار بار پڙهڻ چاهيندو. اهڙي خوبي هر شاعر جو مقدر ڪٿي ٿي بڻجي سگهي. داخلي ۽ خارجي ڪيفيتن جو جنجهه اسان ڪي اهڙيون سوڪڙيون ڏيڻ لاءِ آتو نظر اچي ٿو پر اُن اج سعيد کي اهڙي هنڌ رسايو آهي، جتي ڪيس شايد مچتا جا موتي تہ ملي سگهن ٿا پر پاڻ اهو ڪجهه حاصل ڪرڻ کان قاصر آهي، جنهن سان زندگيءَ کي معنيٰ يا مفهوم ملي سگهي:

ڦٽڪي ٿي تاريخ، اونداهي پاتال ۾،
هن جي ڪائي چيخ، پٿر ڪين ٻڌي سگهيا.

لطيفي رنگ جو پوئلڳ پٿريلي زمين تي پير پِٽون ڪري، جتي هو پنهنجي ماڳ کان بي خبر ٿي چچريل اميدن جا ڏيئا روشن ڪندي اجا بہ اڳتي، اجا بہ اڳتي جو ورد پچاريندي وڌندو ٿو رهي، ڪيس شايد اها ڪل ناهي رهي تہ هو پنهنجي پويان اهڙا نقش ڇڏيندو ٿو وڃي، جن کي ڏِسي منزل جا مُتلاشي پنهنجو رَستو مَٽي روشن صبح جو خواب ڏسڻ لڳن ٿا. توڙي جو هو پاڻ سان ٿيندڙ وارتائن کي رومانوي روپ ڏيندي هڪ ڏکھو ۽ ٿڏو ساهہ پرينديِ پٿائيءَ آڏو دانهيندي بہ نظر اچي ٿو:

**بابا پٿائيءَ! مون کي سنڌ ماري ڇڏيو.**

يا وري سندس هڪ وائيءَ ۾ مايوسيءَ جا ڪِرٽا ڪُجھ هن طرح پاڻ پَسائن ٿا:

ڪنهن بہ هڪ ماڳ جا،
ٿيا نہ هيراڪ، وو،
نيڻ رولاڪ، وو.
من، جهڳو ويو سڙي،
ٿا ڏِسن خاڪ، وو،
نيڻ رولاڪ، وو.

شاعريءَ جي هر صنف سان نياءُ اهو ثابت ڪري ٿو تہ سعيد سنڌ جو اهو ڀھڳٽو ڪوي آهي، جيڪو هر رستو ڇاڻيندي بہ منزل کان اٽڃاڻ آهي. ڪيس ٻين جي پيٽ ۾ الائي ڇو اها مچتا نہ ملي سگهي آهي، جنهن جو هو حق رکي ٿو. سندس حق ڦٻائڻ وارا ٻيا نہ پر اُهي همعصر آهن، جيڪي سندس هيٺي وجود مٿان حاوي ٿيندي وقت جي ويڙ ۾ گهٽو اڳتي نڪري

چُڪا آهن، ۽ هو سچ - مکيءَ جيان پاڻ مرادو ٽِڙڻ جون اميدون سارڻ تي مجبور آهي؛ ۽ سندس اندر جو جوڙ صليب جي صورت ڏاري، جيءَ کي جهورڻ لڳو آهي. اهڙوئي اظهار هو هڪ جيءَ جهوريندڙ نظم ۾ به ڪري ٿو:

جيءَ منهنجي ۾ هئي
جوڙ جي نشاني (+) جا
جوڙ جي نشاني سا
ٿي پئي صليب آهي
جنهن تي جيءُ لٽڪيل آ.

موهن ۾ عاقل جو سنگم سعيد ميمڻ، شعور ۾ تحت الشعور جون ڪيفيتون اهڙيءَ طرح بيان ڪرڻ جو ڏانءُ رکي ٿو، جن کي پڙهندي پڙهندي بي ساخته هڪ ساهيءَ ۾ پڙهڻ کانسواءِ رهي نه ٿو سگهجي. پوءِ اهي ڪيفيتون ڪنهن حسينا جي سونهن جا جلوا پَسائين يا مڙني رنگينين کي ساهه سان سانپائڻ جون سارون ڏيارين. اوسيئڙي جي اٽڪت سلسلن ڏانهن راغب ڪن يا وري پاڻ کي پاڻ سان آشنا ڪرائڻ لاءِ اُتساهين. هونئن به سندس شاعريءَ جو محور فقط محبت تي ئي محيط ناهي پر هو اسان کي اسان جي ڪرم جي سچاڻپ سان گڏ، اکين ۾ گهر ڪري ويندڙ اهي منظر به ڏيکاري ٿي، جن کان چاهيندي به مُنهن موڙي نه ٿو سگهجي. جهڙيءَ طرح پاڻ وٽائڻ ڪيس پسند ناهي اهڙِيءَ طرح سندس سانوري دل ۾ به جڳهه ناهڻ مشڪل ناهي. سندس من موهن جي پَڪين ۾ ٿلهين ديوارن جيان مضبوط آهي، ته عاقل جي ڪچين پِتين جيان ٿورڙي وَسڪاري سان پُري به پوي ٿو. خدا ڪيس وڏيڪ پُرڻ کان بچائي ۾ هو اسان کي اسان جو اهو ماضي موٽائي ڏي، جنهن ۾ هو ”درد جون آيتون“ جهڙا لازوال ڪتاب اربڻ لاءِ آتو رهيو آهي.

**۔ ساجد سنڌي**

حيدرآباد

پهرين جنوري به هزار نَوَ

# درد جون آيتون

بڻيو طُور_ سينا آسان جو هِنيون،
اسان تي لٿيون درد جون آيتون.

# منهنجي جيءَ کي ڪا امانَ ڏي!

منهنجي جيءَ کي ڪا امانَ ڏي
ڪٿي جيءُ منهنجو هي شانت آ
هي تہ بي وسيءَ جي سانت آ
منهنجي درد کي ڪا زبانَ ڏي
منهنجي جيءَ کي ڪا امانَ ڏي!

منهنجي چؤطرف رڳي رات آ
مون لئہ روشني منهنجي ذات آ
مونکي روشنين جا جهانَ ڏي
منهنجي جيءَ کي ڪا امانَ ڏي!

نہ ڪو ماڳ مونکي ملي پيو
سدا جيءُ منهنجو رُلي پيو
مونکي منزلن جا نشانَ ڏي
منهنجي جيءَ کي ڪا امانَ ڏي
منهنجي جيءَ کي ڪا امانَ ڏي!

# غزل

هر شعر حسينا جو هر بات حسينا جي،
هر ڏينهن حسينا جو هر رات حسينا جي.

ويسر نہ گھٽي آهي، هر چيز وساري آ،
پر ساهہ ۾ سانڍي آ، سوغات حسينا جي.

آواز ڪيو هلڪو هر ڳالهہ چئي هوريان،
سوچيوسين متان پڙڪي، جذبات حسينا جي.

وڄ چنڊ! ستارن سان، رستي ۾ اُجالا ڪر،
اڄ رات هُتان ويندي، بارات حسينا جي.

هر مرڪ مِهرَ هُن جي، هي لڙڪ عطا هُن جي،
برسي جا اکين مان سا، برسات حسينا جي.

ڪوئي تہ مليو هُن کي، ٻانهن ۾ سنپاليس جنهن،
شل ’سعيد‘ رهي بهتر، حالات حسينا جي.

◈

# مان ڏسي رهيو آهيان

مان ڏسي رهيو آهيان
هُوءَ پنهنجي ڪمري ۾
شام جو پريشان آ
هٿ ٻيئي مهٽي ٿي
چِڙ ۾ چوي ٿي پئي:
”سعيد ڪي وساريان ڪيئن؟
هو ويو آ ڳنڍجي اِيئن
وڻ سان جڙون هن جيئن
مان ڪريان ته ڇا ڪريان؟
هي جي منهنجون ٻانهون هِن
سي نه هن جون راهون هن
هي ته هارَ هن ڪنهن جا
ڪيئن اِهي ڏيان هُن کي
هي امانتون آهن
ان جون جنهن کي چاهيان ٿي.

”سعيد ڪو چريو آهي
چئي ٿو: ”مان مهين وارو
ساڳيو سنگتراش آهيان
منهنجي نرتڪي آن تون!
هي جي جُوڙ جون ڳالهيون
هنُ جي آڏو سچ آهن
ڪيترو چريو آهي!

مان نہ ڪيس چاھيان ٿي
بار بار چيو آ مون
ھو اچا نٿو سمجھي!!“
ھوُءَ اچي ٿي ٽيبل ڏي
جنھن مٿان پنا پيا ھِن
ھوءَ پني کي سوري ٿي
۽ ڪٽي قلم ڳاڙھو
ھُوءَ غزل لکي ٿي پئي:

”تنھنجي ڳوِتا جي مان ڳُنل آھيان،
پو بہ توکان تہ مان رُنل آھيان.

تون نہ مونکي تلاش ڪر ڪاٿي،
جاڻي واڻي توکان لِڪل آھيان.

ڪيترو ڏَس تہ مونکي روڪيندين؟
مان چريا! سمنڊ جي اُٿل آھيان.

منھنجو نازڪ بدن آ چا ٿي پيو
حوصلي ۾ تہ مان اَٽل آھيان.

تنھنجي عينڪ ۾ عڪس بيٺو آ،
مان تہ توکان پري وَيَل آھيان.“

◈

# سمنڊ جي ڪناري تي
# اڄ اياز سوچي ٿو

هو ڪراڙو ويٺو آ
لٽ جي سهاري تي
سمنڊ جي ڪناري تي
وارَ تا اُڏن هُن جا
آهِ واءُ تيزيءَ ۾
شام جو سَمو آهي
سج ٻڏي ٿو پاڻيءَ ۾
ديد هيٺ ڏرتيءَ ۾
ذهن سوچ گهريءَ ۾-
سمنڊ جي ڪناري تي
اڄ اياز سوچي ٿو:

”طئہ ڪري سفر ڪيڏو
مان هتي پُڳو آهيان؟
سامهوُن پَيا آهن
پير هُو ڀِٽائيءَ جا
مون سَدا ڪيا آهن
سَير گڏ ڀِٽائيءَ سان
چڙ تہ مون چيا آهن
بيت گڏ ڀِٽائيءَ سان
ٿو ڏسان چِٽائيءَ سان

اج بہ مان اڱيان هن کي
کيئن پر سڏيان هن کي
ڪڏ ٿو ويجان هن جي
پاڻ ئي نهاريندو
۽ سڏي وهاريندو
اج بہ پاڻ سان مونکي
۽ وري نوازيندو
پنهنجي ڄاڻ سان مونکي
پاڻ سان وٺي ويندو
ڏنڊ جي نظاري تي۔
سمنڊ جي ڪناري تي
اج اياز سوچي ٿو:

سمنڊ جي ڪناري تي
اج اياز سوچي ٿو:
”شاعريءَ جي رستي ۾
پوئتي ڇڏي آيس
مان خيام ۽ جامي
گيت جيڪي مون جوڙيا
تنهن کي ڇا پروڙيندا
هي نقاد ۽ عامي؟
سڀ منهنجي نظرن ۾
”همعصر“ تِڇَ آهن
هو نقاد ڪهڙو آ؟

اُن پکيءَ جهڙو آ
جيڪو پنهنجي فطرت ۾
ڏينهن کي نہ ڏسندو آ
رات جو هو اڏندو آ
۽ پتين سان لڳندو آ
ديد ڪا نہ پوندي تِس
چنڊ يا ستاري تي۔
سمنڊ جي ڪناري تي
اج اياز سوچي ٿو.

سمنڊ جي ڪناري تي
اج اياز سوچي ٿو:
”قوم سان وچن پنهنجو
ڪاش مان نڀايان ها!
سنڌ ـ ديس جي دڳ تان
وک نہ مان هٽايان ها
هُن جوان پوڙهي* کان
هٿ نہ ايئن ڇڏايان ها
حڪمران جي هٿ سان
هٿ نہ اِيئن ملايان ها
سچ جي وڪالت سان
وقت جي عدالت ۾

*جوان پوڙهو — سائين جي.ايم. سيد

ڪوڙ کي مان ڪيريان ها

ڪين ڪنڌ ڦيريان ها
ڏاڍَ جي اشاري تي-
سمنڊ جي ڪناري تي
اڄ اياز سوچي ٿو.

سمنڊ جي ڪناري تي
اڄ اياز سوچي ٿو:
”رات ٿي وئي آهي
دور دور تارن سان
آسمان جاڳي ٿو
جڻ تہ ڪو ڪهاڻين سان
داستان جاڳي ٿو
چنڊ واري صورت ۾
ڪو نشان جاڳي ٿو
جڻ تہ آهہ ڪو هُن ۾
هي گمان جاڳي ٿو
ڇو زمان جاڳي ٿو؟
ڇو مڪان جاڳي ٿو؟
نيٺ ڪنهن جي اوسيئڙي
هي جهان جاڳي ٿو؟
آ سڄي سِرشتي هيءَ
رَبّ جي سهاري تي-“
سمنڊ جي ڪناري تي
اڄ اياز سوچي ٿو.

# غزل

تنهنجو تحفو هي زنگيل زنجيري رهي،
عشق ڪاٽي اُهو يادگيري رهي.

قوم ڏسندي نہ سا ڪاميابي ڪڏهن،
جنهن جي اڳواڻ ۾ بي ضميري رهي.

ننگ غربت جا نيلام ٿيندا رهيا،
واڪُ ڏيندي ۽ وٺندي اميري رهي.

ناهہ ساڳي جنوني طبيعت اُها،
دل جي ڌڙڪن بہ آ هاڻ ڌيري رهي.

هٿ ڇڏائي وئي جنهن ڪان اولاد پيي،
ڪو سهارو تلاشيندي پيري رهي.

سادگيءَ ڦند ڪوئي نہ سکيو ڪڏهن،
’سعيد‘ ساڳي اسان جي فقيري رهي.

◈

# وائي

اربڻ پيار۔ پَتيون
روشن راھہ وَتيون
سرتيون! ساجن ٿو اَچي.
ٻري پونديس ٻاٽَ ۾
ٽيندا نيڻ ٻتيون
سرتيون! ساجن ٿو اَچي.
وارَ اُڏن ٿا واءُ ۾
مھڪان ٿي سَڪيون!
سرتيون! ساجن ٿو اَچي.
گھوڙي چاڙھي عشق جي
ويندو ساڻ وٺيون
سرتيون! ساجن ٿو اَچي.
ڏاڍو آھہ شرارتي
ھٽندو ھُو نہ اکيون
سرتيون! ساجن ٿو اَچي.
سرتيون! ساجن ٿو اَچي.

# غزل

هونئن هرڪو هتي مليو هوندو،
روح هڪ شخص لئہ رُليو هوندو.

من اَسان ڪان وڃائجي ويو آ،
تنهنجي نيڻن ۾ دڳ ڀُليو هوندو.

توڪي ڄاڻا اڪيلو ڀوڳيندين،
ڏک نہ ڪنهن ساڻ تو سليو هوندو.

ڪيترا دوست ها، وَيا ڪاڏي؟
پاڻ هر ڪنهن پرين! ڀَليو هوندو.

هو وري ياد ڇو پيو آهي؟
ڪين دل ڪان اڄا ڀُليو هوندو.

ڪو نئون عشق ٿو سڏي دل کي،
’سعيد‘ ماضيءَ سڏي جهليو هوندو.

◈

# غزل

تنهنجي پويان صدين کان نِڪتي هان،
ڪو پتو ناهہ ڪاٿي پهتي هان.

تو ڇُهيو هو پرين! بدن منهنجو
ياد آيو تہ اج بہ مَهڪي هان.

ڪاٿي ڦاسايو عشق جي ڄاريءَ،
ڏِس تہ ڪيڏو مڇيءَ جان ڦٿڪي هان.

تنهنجون جهلڪُون جتي نظر آيون،
تن سرابن ۾ آءٌ سَهڪي هان.

◈

# غزل

پاڻ رستن ۾ ئي رُليا هئاسين،
اهڙا ماڻڪ جي بي مُلهيا هئاسين.

ٿهڪ کنهن جا ٻڌم ته ياد پَيو،
ها، اَسان پڻ ايئين کِليا هئاسين.

ننڊ پنهنجي نصيب ۾ ڪِٿِ آ؟
ڪي گهڙيون رات آهِليا هئاسين.

زورَ وارا ڪري وَيا زاري،
عشق وارا ڪٿي جَهليا هئاسين.

’سعيد‘ پاڇو ئي ساڻ هو پنهنجو،
پاڻ سان ئي ڪٿي هليا هئاسين.

# پنجڪڙو

تون هلين تي هَٿُ جو هَٿَ ۾ ڏئي
ڄڻ قدم هي ڪهڪشان تي ٿا پَوَن
چنڊ تارا پيرَ ٿا منهنجا چُمن
ڄڻ ملي مونکي خدائي آ وَئي
تون هلين تي هَٿُ جو هَٿَ ۾ ڏئي.

◈

# چؤسٽو

سدائين شعر ستارن جان روشني ڏيندا
وَيو هُو ذات جو توکي هي آسمانُ ڏئي
قبر ۾ ڪابہ نہ هوندس پرين! پشيماني
’سعيد‘ عمر گذاري، قلم کي مانُ ڏئي.

◈

# بيت

ڏَپُ آ هر شهريءَ، وِکَ وِکَ تي آ حادثو
کهڙي آ هيءَ زندگي، دنيا کهڙي هيءَ،
ڪرچيون ڪرچيون جيءَ، شيشن واري شهر ۾!

◈

ڏاڍا درد چکي، موٽيا پنهنجي ماڳ ڏي،
وڇوڙي جي مُندَ ۾، سُورن ساڻ سَکي!
وَيا هَنج پکي، اُڏامي آڪاش ڏي

◈

واتُ ٻَڌائون، ڪُڇيو ئي ڪاٽي آسان؟
غربت جي گهاٽي اندر، پيڙي ماريائون،
ماري ٻڌائون، پَٽڪو پوءِ ”عظيم“ جو!

◈

ماهيت چاهه وجود جي، آخر مان ڇاهيان؟
آهيان ۽ ناهيان، آءٌ انهيءَ جي وچ ۾!

◈

ترَ تان تِرڪي تا پوَن، ڪيئي جُنگ جوانَ،
تن جا نام نشانَ، ٿئو ڪو بہ لِهي سگهي.

◈

متان پُلجي تون وٺين، وڏائيءَ جي واٽَ،
ڪيئي اونچا ڳاٽَ، پل ۾ وقتُ لُٽي ويو.

◈

اڇين جي اڄ رات، لاهيان سڀ لباسَ مان،
برسي پَئہُ او سانورا! ٻڌجي تون برسات،
جيسين ٿئي پرڀات، پُسوُن ڀيئي پيارَ مان.

◈

# غزل

رات جو نيڻ ٻئي ڀِنا هوندا،
ڪي اوهان لئہ پرين رُنا هوندا.

مان ٻہ ويندس مٽيءَ ۾ گم ٿي،
ءِ هَوائن ۾ سڀ ڀَنا هُوندا.

منهنجي سامهون رڳو انڌيرو آ،
تنهنجي سامهون تہ آئِنا هوندا.

جو مليس دادُ ان کي ياد ڪندو،
هن کي اڄ ڀي اُهي ڏَنا هوندا.

’سعيد‘ هوندو اڳي جيان تنها،
ءِ اُهي ڳوٺ جا ڀَنا هوندا.

◈

# گيت

ڳيو دل نہ ماندي، اَجا پنڌ پيو آ،
اُجالن جا پانڌي، اجا پنڌ پِيو آ.

ٻري پئو ٻري پئو متان ڪو وسامي،
ڏسو ڏور ڪان هُوءَ مِٽي تي اُڏامي،
اَچي پيئي آنڌي، اجا پنڌ پِيو آ،
اُجالن جا پانڌي! اجا پنڌ پِيو آ.

ڇُلي پئو ڇُلي پئو تي ڇوليون سنڌوءَ جون،
ملي پئو ملي پئو تي ڇوليون سنڌوءَ جون،
مڙو ڪين مانجهي! اجا پنڌ پيو آ،
اُجالن جا پانڌي! اجا پنڌ پيو آ.

نہ ايئن پاڻ پوريو سڙيل ٻج وانگر،
ڪٽي ڳاٽ گهوريو نئين سِج وانگر،
ٿيو ڪين سانجهي، اَجا پنڌ پِيو آ،
اُجالن جا پانڌي! اجا پنڌ پِيو آ.

اُڏو آسماني هَوائن ۾ آجا،
چو آهيو ٻِيا هِينئن پِڃري ۾ قاتا،
ٿِيو ڪِين باندي، اجا پنڌ پِيو آ،
اُجالن جا پانڌي! اجا پنڌ پِيو آ.

ڪيو دل نہ ماندي، اجا پنڌ پِيو آ،
اُجالن جا پانڌي! اجا پنڌ پِيو آ.

# وائي

تنهنجي گهرَ جي مٿان،
چنڊ بيهي رهيو آ سَڪي!
چوڏهينءَ چوليون ڪيرَ جون
مان ڪَپرَ جي مٿان،
چنڊ بيهي رهيو آ سَڪي!
هُو اگهڙ ۾ سُتل آ ادل*
۽ سڪرَ جي مٿان،
چنڊ بيهي رهيو آ سَڪي!
پير ناريءَ جا واريءَ تي
رات ٿَرَ جي مٿان،
چنڊ بيهي رهيو آ سَڪي!
چؤطرف ماٺ آ موت جي
هڪ قبرَ جي مٿان،
چنڊ بيهي رهيو آ سَڪي!

◈

* ادل سومرو

# غزل

نہ ڪو ئي لوڀ، نہ لالچ، نہ خون جي ڳولا،
سموري عمر رهي آ سڪون جي ڳولا.

الائي ڇو نہ ٿا جاڳن اُهي گرم جذبا،
ڪٿي ڪريون اسان هاڻي جُنون جي ڳولا.

مقام ۾ نہ لڏي قبر سا ڪٿي مونکي،
ڪريان تہ ڪاٿي ڪريان تنهن قبر زبون جي ڳولا؟

ڪٿي ملي ئي نٿو اغوا ٿي وَيو شايد،
ڪري عوام ٿو اڄڪلهہ قانون جي ڳولا.

’سعيد‘ عمر وڃائي ڇڏيسين شعرن ۾،
پئي مهانگي اسانکي ’ف‘ ۽ ’ن‘ جي ڳولا.

# بيت

ناهي ڪو آغازُ نہ ئي ڪنهن جو انتُ آ،
نِت نتِ پيو ٿو واٽ ۾، روپ مٽائي رازُ
’سعيد‘ تري ٿو واءُ ۾، اُن جو ئي آوازُ
ساڳيو آهي سازُ سُرَ ۾ سرگم ڪيترا!

◈

نيري اُڀ جي هيٺ آ، گــهرو سمنڊ اَجهاڳُ،
ڪهڙو ڪنهن جو ماڳُ، سيئي ڇولين وِچ ۾.

# سُر سانورو جوڳيءَ مان ڪجهه بيت

جوڳي ڪالهه سمونڊ تي، مليو هو مونکي،
پنهنجو مُنهن وينو هيو رکي مونن تي،
ويندڙ چولين کي، ساندهه ڏسندو پئي رهيو.

◈

جوڳي ڪالهه سمونڊ تي، ڏٺو هو مون يارَ
ٻانهون سيني تي ٻڌل، هيس هيٺ نهارَ
هن جي پرسان ٻارَ ريتيءَ تي کيڏيا پئي.

◈

جوڳي ڪالهه سمونڊ تي، ڏٺم سانجهيءَ ويرَ،
جڙ ڪنهن جا ڳولي پيو واريءَ تي هُو پيرَ،
جوڙا ڪن پِيا سَيرَ، سُندر سُرمئي شامَ هئي.

◈

جوڳي ڪالهه سمونڊ تي، ڏٺم اَڪيلو
پيرَ اُگهاڙا ريت تي، سانجهيءَ جو ويلو،
هڪڙو ٻتيلو جوڳيءَ ڏانهن اچي پيو.

◈

توکي ڏيکاري وَيا، سندا پُورب پنڌ،
غربت ۾ گهاري وَيا، ڪين نِوايئون ڪنڌ،
سدا چمڪين سِنڌ، جوڳي جوت چڏي وَيا.

◈

## بيت

تازو ڄاول ٻار ڪنهن، اڇليو گند مٿان،
ٻِيلو ٽي وِيو چنڊ جو چهرو خوف وچان،
ڪاري بادل سان، چهرو چنڊ ڍڪي ڇڏيو.

◈

پنڪيس پئي مان پونءِ تي، گم ٿيل ٻار جيان،
دنيا هئي ڏاڍي وڏي، گهر نہ لڌو مونکان،
ٿڪجي مونٽيس پوئتي، سوچيم ننڊ ڪيان،
سوري پيار منجهان، موت سمهاريو هنجَ ۾.

◈

تولئہ وقت سموند ۾، لڙهندا آياسين،
ڪين ڪناري تي ملئين، نيڻ رلاياسين،
آيا ها تفريح لئہ، تن سان ويناسين،
تن کي ٿڌڙي ريت تي، بيت ٻڌاياسين،
ڳاڙهو سج ٻڏي ويو، آخر اُٿياسين،
ڪٽي مونٽياسين، ساڳيا اوسيئڙا اَسين.

◈

گوِتا، آئون، ماٺ ۾ _ڪاغذ مٿان نِب،
آڏيءَ منهنجي ڳوٺ جا، سانتيڪا گهَرَ سَڀ،
مٿان نيرو اُڀ، جڻ گوتم جو گيان آ.

◈

سياڻي تي ساڄاھہ، ناتو ڇڃَ مَ نينھن جو
جھاڳي جُڳ آيو اَٿئہ، جوڳي تنھنجي لاءِ
ھئہ ھئہ ڪندينءَ ھاءِ، ھُو جي رڻ راھي ٿيو.

◈

ادب ساڻ لطيف جي، اڳيان ھو آيو
نوراني نظرون ڪٽي، مرشد واجھايو
اڪيون ڪٽي اُپَ ڏي، سيد فرمايو:
”راڻي جي رھاڻ مان، ڪو آديسي آيو
چوڏھينءَ ماھہَ چندبِ جيان، ڪِيو سامِيءَ سھائو
لٿو اونداھو جوڳيءَ سندي جوت سان.“

◈

سپنو شاھہ لطيف جو ساپيان تي آيو
جوڳي تن جي جُوءِ ۾، چاڻ ڪٽي چايو
مُوڙھن موٽايو، ھن ڪي پنھنجي ديس مان.

◈

جوڳيءَ جھوري جيءَ ۾، اڪين ۾ آلاڻ،
ڪارا ڪکر اُپ ۾، آنڌيءَ جا اھڃاڻ،
رڻ ۾ سَٿَ نہ ساڻ، وڃي پيو ھيڪلو.

◈

”مونکي اَجائي، تن ڏي تو ھو موڪليو
سانگي تنھنجا ڪين ھا، سُڄَ نظر آئي،
بابا پٽائي! مونکي سنڌ ماري ڇڏيو!“

◈

# گيت

ماں ۾ منهنجو مَنُ
وَڃئون ٿا
ماں ۾ منهنجو مَنُ

نگريءَ نگريءَ نينهن رُلايو
ڪاٿي مَنَ کي چين نہ آيو
لڙڪن سان جو آهي پُسايو
ساڻ ڪٽي دامنُ
وڃئون ٿا
ماں ۾ منهنجو مَنُ

ڪونہ سفر ۾ ساٿي پاتو
ساڻ رهيو بس پنهنجو پاڇو
کهڙا ليکا، کهڙو ڪاٿو؟
جاليون ڪيئن جيونُ؟
وڃئون ٿا
ماں ۾ منهنجو مَن
وڃئون ٿا
ماں ۾ منهنجو مَنُ

◈

# وائي

رُجَ ڏي وِيا وڻي
نيڻ رولاڪَ، ووا!
نيڻ رولاڪ، ووا!
پٽڪندا ئي رهيا
چو منجهند ٽاڪ، ووا!
نيڻ رولاڪ، ووا!
ڪنهن بہ هڪ ماڳ جا
ٿيا نہ هيراڪ، ووا!
نيڻ رولاڪ، ووا!
مَن جهڳو وِيو سڙي
تا ڏسن خاڪَ، ووا!
نيڻ رولاڪ، ووا!
نيڻ رولاڪ، ووا!

# وائي

سپنا سانڍي رک هي
تـوکـي کـم ايـنـدا
ڏُک جي موسم ۾ ميان!
منهنجا آلا نيڻ ڀئي
تـوکـي ڳـولـيـنـدا
ڏُک جي موسم ۾ ميان!
خاموشيءَ جي هنج ۾
جـــذبـــا روئـــيـــنـــدا
ڏُک جي موسم ۾ ميان!
منهنجي دل کي حوصلا
آٿـــت کـــا ڏيـــنـــدا
ڏُک جي موسم ۾ ميان!
اميدن جا ٻِج هن
سـيـاٽـا پـوکـيـنـدا
ڏُک جي موسم ۾ ميان!
ڏُک جي موسم ۾ ميان!

# وائي

ڪارنهن ڏِسُ اُڏندي
سڙيل وستيءَ مان
رکَ اُڏامي ٿي!
موٽي ڏِس تہ سَهي
تنهنجي ماضيءَ مان
رکَ اُڏامي ٿي!
اکيون کولي ڏِسُ
اڄ ڪراچيءَ مان
رکَ اُڏامي ٿي!
ناهن ڪارا لفظ
’سعيد‘ جي جيءَ مان
رکَ اُڏامي ٿي!

# نظم

✝

جيءَ ۾ هئي منهنجي
جوڙ جي نشاني (+) جا
جوڙ جي نشاني سا
ٽي پئي صليب آهي
جنهن تي جيءُ لٽڪيل آ.

# وائي

واريءَ مٿان۔
مينهن جي ڳڙ ڳڙ!
هر ڪا هيندي
هاريءَ مٿان۔
مينهن جي ڳڙ ڳڙ!
ڪڪر اُچلي
ٻاريءَ مٿان۔
مينهن جي ڳڙ ڳڙ!
پن وهنجن ٿا
ٽاريءَ مٿان۔
مينهن جي ڳڙ ڳڙ!
اندر ڪڪڙيون
ڪاريءَ مٿان۔
مينهن جي ڳڙ ڳڙ!
شيشا بند ۽
لاريءَ مٿان۔
مينهن جي ڳڙ ڳڙ!
نرم بدن تي
ناريءَ مٿان۔
مينهن جي ڳڙ ڳڙ!

# وائي

ويران بَن، اڌ رات جو۔
تي روشني ٻرندي رهي.
ڏرتي پئي آ ننڊ، ٿا
تارا ڏسن اڌ رات جو۔
تي روشني ٻرندي رهي.
گڏ چنڊ سان ڪينجهر ۾ ٿا
تارا لهن اڌ رات جو۔
تي روشني ٻرندي رهي.
چمڪي رهيو آ روڊ پيو
گڏ ٿا هلن اڌ رات جو۔
تي روشني ٻرندي رهي.
ٿو چنڊ جاري مان ڏسي
هن جو بدن اڌ رات جو۔
تي روشني ٻرندي رهي.

# غزل

جِيوَن! تنهنجي پويان پويان، ڪاٿي پهتاسين؟
اوندهہ جو آ جهنگل اڳيان، ڪاٿي پهتاسين؟

”سورج - ديس“ جا پانڌي، آهن رستو ڀُلجي وِيا!
هاڻ پڇن ٿا هُوهڪ ٻئي کان، ”ڪاٿي پهتاسين؟“

شهر اسان مان رَتُ ڪڍي وِيو ڳوٺ نہ موٽياسين،
هاءِ نياڳي پئسي پنيان، ڪاٿي پهتاسين؟

صدين تائين ننڊ پيا ها، چرڪ پري جاڳيا،
پڇيائون: ”تاريخ! اَسان هان، ڪاٿي پهتاسين؟“

پاڻ هَوا سان نڪتا هئاسين تنهنجي ڳولا ۾،
گم ٿي وِياسين متيءَ هيٺان، ڪاٿي پهتاسين؟

# غزل

لفظ شاعر سان ڪني پهتا اُتي،
پر هئا ماڻهو سيئي ٻوڙا اُتي.

تنهنجي پيرن ڪان وتيون پئي جن چُميون،
سي پيا توکي سَڏن رستا اُتي.

پَرُ جِتي مون زندگي نچندي ڏٺي،
اڄ رڳو چُرندي ڏِٺم پاڇا اُتي.

نيڻ تن جا ڪُجھ ڏسن ئي ڪين پيا،
مون ڏِٺا ماڻهو ها پٿر جا اُتي.

شهر ڳوٺن ڏانهن ٿا وڌندا وڃن،
نيٺ جوڙيندا وڃي محلا اُتي.

ڳوٺ مان آيس هليو هيڪل ’سعيد‘
پر ڇڏي آيس پنيان چاچا اُتي.

# وائي

اَڇا اَڇا ڪنگ
نيري نيري اُڀَ ڏي!
مرڪي ڇڙ تہ ڏسن پيا
سونا سونا سنگ۔
نيري نيري اُڀَ ڏي!
تولا تولا هُو پکي
اکر ڪڏهن انگ۔
نيري نيري اُڀَ ڏي!
ڪاريون ڪاريون ڪڪريون
مينهون بِنا ونگ۔
نيري نيري اُڀَ ڏي!
مصور بُرش پيچي ڇڏيو
هاريا سارا رنگ۔
نيري نيري اُڀَ ڏي!

# غزل

ڪيترا آيس لتاڙي پيچرا،
پوءِ ٻي ناهن ڪُتا ڙي پيچرا.

روڊ ڪاري ديوَ جهڙو ٿو لڳي،
جو ويو آهي چَٻاڙي پيچرا.

سُنب گهوڙن* جا هُيا ڪيڏا تکا،
سنڌ جا معصوم ها ڙي پيچرا.

سوڙهه هاڻي ڪونهه ٿو ڳوليو لڀي،
جو هليو اڳوات تاڙي پيچرا.

چو وڃيندا ٿا وڃو وَڻ ايترا،
پو ڇڏيندو سِجُ ساڙي پيچرا.

رات ٿي وئي ’سعيد‘ پر موٽيو نه آ،
ڪيس وِيا ڪيڏانهن لاڙي پيچرا.

◈

*ماضيءَ ۾ سنڌ تي ڪاهه ڪندڙ گهوڙا

# غزل

درد جاڳي پَيو نيڻ پرجي وَيا،
رات جو ماڪ ۾ خواب ڏوبي پَيا.

هي جُڳن جو سفر جو ڪُٿي ئي نٿو
مان مُڙي ٿو ڏِسان دوست ڪاڏي وَيا؟

هو ڪنارو ڇڏي سمنڊ ڏي ٿو وڃي،
هن کي ڇولين منجهان ڪنهن تہ سڏڙا ڪَيا!

اي ستارا! اچو گيت منهنجا ٻُڌو،
جي مون آهن پريںءَ چنڊ جي لئہ چَيا.

’سعيد‘ جي قبر تي رات جو روشني،
هو ڏِسو! هو ڏسو! ڏات ٻاريا ڏيا.

◈

# گيت

لهر لهر جي تال تي نچندي
گيت نديءَ جي پار وڃن ٿا.
اوپر کان هو ايندڙ پنڇي
هيٺ ڏِسن ٿا اُڏندي اُڏندي
گيت نديءَ جي پار وڃن ٿا.
ڇولين جون ٿيون ڇاتيون ڇلڪن
ڇوليءَ ڇوليءَ کي هو ڇهندي
گيت نديءَ جي پار وڃن ٿا.
ڦڙ ڦڙ، ڦڙ ڦڙ مينهن وسي ٿو
شاعر سان گڏ مينهن ۾ پُسندي
گيت نديءَ جي پار وڃن ٿا.
گيت نديءَ جي پار وڃن ٿا!

آزاد نظم

# سالن کان پوءِ

سالن کان پوءِ اڄ آيو هان
آءُ پڙهائڻ ٻارن کي هِت
هيءُ ڪلاس اُهو ئي آهي
جنهن ۾ پاڻ پڙهي وِيو آهيان
پنجون درجو......!
ديوارون بہ اُهي ئي آهن
جيڪي پوڙهيون ٿي وِيون آهن
مون ڏي اِيئن پيون واجهائن
ڄڻ تہ پڇن ٿيون:
”سعيد ڪٿي هِن سنگتي تنهنجا؟
جيڪي توسان گڏ پڙهندا ها،
روز صبح جو گهنڊ سڏي تو
پر هُو هاڻي ڪين اچن ٿا!
تن کي ڇَءُ تہ گُسائن چو ٿا؟“
اکين ۾ آلاڻ ٿئي ٿي
آءُ اُٺان ٿو
در وٽ بيهي
عينڪ لاهي
نيڻ اُگهان ٿو.

# بيت

تارن هينئان رات جو، پٿر تي عيسيٰ،*
پيشانيءَ تي روشني، اکين ۾ ڏيئا،
لاڳيتا ليئا، عيسيٰ ڏي آڪاش مان!

◈

بيهي ڏاڍي غور سان، پڙهي تو سارا،
شهرن جي هر پِٽَ تي، نفرت جا نعرا،
سوچي تو پيارا، ”انسانيت ڪاڏي وئي!“

◈

ڪنهن نہ ڏماڪن ۾ ٻُڌيون، ٻارن جون چِيخُون،
اکيون شاعر جون، لڙڪن سان ڀرجي وَيون.

◈

* عيسيٰ — حضرت عيسيٰ

## دوهو

متي پڇي ٿي هاريءَ کان: ”وِيا ڏاندَ پٽارا ڪاڏي؟
ورهيہ ٿيا جو هاڻ ٻنيءَ ۾، ڏاند نہ ٿو ڪو تاڏي!؟“

◈

ٻٽيو طور سينا اَسان جو هينئون،
اَسان تي لٿيون درد جون آيتون!

◈

هڪ فرشتي خدا کي ٻڌايو اَچي:
”سائين جنت منجهان ’سعيد‘ نڪري وَيو!

# وائي

پنهنجي ازلي پيار جا
گيت پيو سِرجي-
ڪُتيا ۾ جُهونو ڳوي.
چنڊ چِٽي ٿو روشني
واري ٿي جرڪي-
ڪُتيا ۾ جُهونو ڳوي.
آلين اکين ۾ ڪوئي
سپنو ٿو جهلڪي-
ڪُتيا ۾ جُهونو ڳوي.
پرسان سنڌو ٿو وهي
ساري ٿو ڪنهن کي-
ڪُتيا ۾ جُهونو ڳوي.

# چئوسٽا

اکيون ڪنهن آجاتي سفر تي اُٿيون،
سڄي سِرشٽيءَ ۾ نہ ڪاٿي ٽِڪيون.
وڏو ڪائناتي سفر طئہ ڪري،
اکيون ڪنهن جي چهري جي ٽِرَتي ٽِڪيون.

◈

مان اُهو سانورو مصور هان،
تون اُها نِرتڪي آن موهن جي.
هي تہ آ اُجَ آتمائن جي،
پيار ناهي پياس پَل کَن جي.

◈

نانءُ هُن جو ڪنيءِ سين آڏو
هاڻ وينو پَيو ٿو پَڇتائين
هُوءَ ڪيڏي نہ ڪاوڙي هوندي،
’سعيد‘ پٽ! پار آن اجا تائين!

◈

مَنَ تہ مَنَ سان ملي وَيو آهي
تَنَ جي تَنَ کان پَلا ڇو دوري ٿئي؟
چند جهڙي بدن تان لاهہ ڪگرَا!
آرزو جسم جي بہ پُوري ٿئي.

◈

# بيت

دائم رهبو ڪِٿ، آهيون سڀئي عارضي،
پُرٽو آهي پونءِ ۾، پُٺتي آ هيءَ پِتِ،
ساڳي نيري ڇِتِ، رهندي ڌرتيءَ جي مٿان.

◈

ساڻ نہ آهن سٿ، ساٿي سڀ ڇڏي ويا،
ڇاڇا ڏنئہ زندگي! ڪهڙي ڪريون ڳَٺ،
ڪٽي خالي هٿ، موٽياسين مِٽيءَ ڏي.

◈

اونداهي پاتال ۾، هيٺ ڪِري پيو آ،
جاني تون سوچين مٿان، ’سعيد‘ جُهري پيو آ،
هُو تہ ٻري پيو آ، تيلي ڏئي هر زخم کي.

◈

اونداهي پاتال ۾، خاموشي آهي،
ڪيڏارو ڳائي، تونزيان ٿو مان ماٺ کي.

◈

کنڊر موهن-شهر جا، چوڌس خاموشي،
ٿڏڙي مٽيءَ تي وَئي، هن کي ننڊ وٺي،
ڏسي ٿو جوڳي، سپنا سورج-ديس جا.

◈

ڳنڍڙيءَ منجهہ ٻڌان پَيو ميڙي سڀ صفحا،
آئيندي جي شهر جي، ترين وچي ٿي جا،
اُن ۾ سڀ پنهنجا، شعر اُماڻي ٿو ڇَڏيان.

# غزل

لڳو آ سيڪ پتين کي، زمين آلِي آ،
جتي گذاري حياتي، سا جاءِ خالي آ.

اجا بہ خوشبو اوهانجي سا ڏيوڙيءَ ۾ آ،
اجا بہ پنهنجي اکين ۾ اُهائي لالي آ.

دريءَ مان ديد نظارو ڏسي رهي آهي،
هوا ۾ خوشبو آ، موسم پرين! جهڙالي آ.

اسان جو دين بہ پنهنجو ڌرم بہ پنهنجو آ،
اَسان جو جيءُ آ ڪعبو خدا خيالي آ.

جنين سان عشق تنين سان ئي دشمني آهي،
اوهان جي نينهن سندي ريت هيءَ نرالي آ.

چمي بہ ڪين سگهياهُون، جنين کي چاهيو آ،
’سعيد‘ عشق اسان جو رڳو حوالي آ.

جن جي خاطر رهياسين صديون منتظر،
ڇو اسان کان اهي ساعتون ٿا ونڃو؟

# وائي

پيـــر پـــريـــنءَ پـــائـــن
پيون ٽيون واجهائن-
ڳليون منهنجي ڳوٺ جون.
متي مهڪي صبح جو
بادل پيچائن-
ڳليون منهنجي ڳوٺ جون.
چنڊ مٿان چمڪي پيو
تارا واجهائن-
ڳليون منهنجي ڳوٺ جون.
پِتيون پُرنديون ٽيون وجن
ويڳاٽيون آهن-
ڳليون منهنجي ڳوٺ جون.
’سعيد‘ ڪري سچ سوجهرو
ڪرٽا جرڪائن-
ڳليون منهنجي ڳوٺ جون.

# غزل

رکي ڇڏ پاڻ وٽ دولت، اَسان لئہ ذات ڪافي آ،
آ پَر ۾ سونهن جي ديوي ۽ چوڏهينءَ رات ڪافي آ.

اُڏياسين عشق ۾ تنهنجي، ڪري پياسين بلنديءَ تان،
اُتڻ جي سگهہ ئي ناهي، ملي جا مات، ڪافي آ.

نہ اڇجان هاڻ تون پيهر، اسان جي جيءَ جي ويجهو
نہ گُهرجي ساٿ ڪو تنهنجو اڪيلي ذات ڪافي آ.

وسيو ناهيان مان دل کولي، اَجا ساري پڳي ناهين،
ٻہ ٽي ڪَٽيون پَسي چئين ٿي تہ هيءَ برسات ڪافي آ.

اچي ڏس رات ڪاريءَ ۾، اَسان جون آگريون روشن،
اُٺن ٿا گيت شعلا ٿي، ٻري ٿي ذات ڪافي آ.

# پنجڪڙا

آءُ تنهنجي آتما جو اَڌُ هان
جاچ پنهنجي روح کي جڳ ۾ پلي
پاڻ ئي مون ڏي پرين! ايندين هلي
آخري چيڙو مان تنهنجي حد هان
آءُ تنهنجي آتما جو اڌ هان

◈

مرڪزي نُڪتو آن تون منهنجو مِٺي!
تو مٿان مان پيار جي پلڪار هان
دائرا ٻاهر پلي ڪيڏا ڪيان
ڪين سگهندس آءُ توکان ڌار ٿي
مرڪزي نُڪتو آن تون منهنجو مِٺي!

◈

ڪوئي ڪاٽي هيو ڪوئي ڪاٽي سَڪي!
شهر جي شور ۾ آءُ رلندو رهيس
ماڳ ئي ڪونہ هو پو بہ هلندو رهيس
پريت پنهنجي پڄاڻيءَ نہ پهچي سگهي
ڪوئي ڪاٽي هيو ڪوئي ڪاٽي سَڪي!

◈

# غزل

رات سياري جي سيءُ ڪمري ۾،
ها جلايون ٿا جيءُ ڪمري ۾.

سارو ڪمرو سُڳنڌ ٿي وِيو آ،
ڪير آيو ها هيءُ ڪمري ۾؟

جوت جهيڻي، اداس تنهائي،
ساز سُر ۽ رفيع* ڪمري ۾.

تنهنجي تصوير منهنجي سامهون آ،
ڪٿ وٿيون هن وسيع ڪمري ۾؟

ڪا بہ نڪ نہ ٿيندي اڄ دَرَ تي،
'سعيد' ٿانئيڪو ٿيءُ ڪمري ۾!

◈

* رفيع – انڊيا جو مهان راڳي.

# غزل

رات سپنن کي چو تو جاڳائي؟
دل جو در ڪير ٿو هي کڙڪائي؟

وقت تي تون نہ آئين جِيوَن ۾،
وقت کي ڪير هاڻ موٽائي؟

هاڻ گهر ۾ رهي ٿي خاموشي،
ڪوئي ناهي رهيو جو ڳالهائي!

دل جون تارون ڇِڙي پَيون آهن،
هُوءَ منهنجو غزل پئي ڳائي!

سانورو ڇوڪرو يَڪو اُس ۾:
نيري در ڏي پَيو ٿو واجهائي!

عشق جي راند پي ڏني ڪيڏي:
’سعيد‘ موٽياسين پاڻ هارائي!

◈

# غزل

صدين جي سوچ چڏ تون، لمحن جي جيءَ جاني!
ڇُنڪو آ چار گهڙيون، ڪي پَل آ زندگاني!

شاوَر مان روشنيءَ جون، ڇاڻُون ڇَٽي رهيون هِن،
تو انگَ انگَ چمڪي، وهنجي پئي جواني!

تو ۾ فنا ٿياسون، تو ۾ بقا ملي آ،
اي عشق! تو عطا ڪئي، هيءَ عمر جاوداني.

واڙين تو شعرَ چالئہ، سياست آ هڪڙو پڃرو
آزاد چڏ هوا ۾، بادَل هي آسماني.

پهرين تون مار ”مان“ کي شاعر! اَنا ڇڏي ڏي!
تون ناهہ پنهنجو رستو ناهين لطيف ثاني.

ڪنهن لاءِ ڪپ تي بيٺو تون ’سعيد‘ منتظر آن،
هر شيءِ لُڙهي وڃي ٿي، رُڪٽي نہ آ رَوانِي.

◈

# بيت

هي آ عاقل ڳوٺ جو جُهونو قبرستان،
آئون نِمُ جي ڇانوَ ۾، ويٺو هان ويران،
ڪونہ لڏو نِيشان، مونکان هن جي قبر جو.

◈

وِهَندا هئاسين پاڙ ۾ئي، هڪڙي بئنچ مٿان،
ساريان ٿو اسڪول جا، ڏينهن اُهي اڄ مان،
اڄن ٿيون اَڳِيان، ننڍپڻ جون سڀ حَرڪتون.

◈

ڪيسي ۾ رکيا هئم، تنهنجا قلم ڪٽي!
ڪِئن تون ٿَڦَ هٽي، مونکان سڀ ڪسي وَئين.

◈

اڪيون ڏار عقاب جون، رکجان هيٺ نيهارَ!
عجب عجب اسرارَ ايندا تنهنجي سامُهون.

◈

اڪيون ڏار عقاب جون، اونچي رک پرواز!
اِيٿرِ ۾ ترَ ايئن تون، جيئن نہ اُٿن آواز!
سُٽائيندءِ ساز موسيقي آڪاش جي.

◈

اڪيون ڏارِ عقاب جون، پڙڪو ڏئي اُڏام!
ڪونهي هن آڪاش جو ڪاٿي اختتام!
تارا گرهه تمام، ڇڏج پَرَنِ جي پوئتان!

◈

اُڏريو پئي آڪاش ڏي، دونهون ڏرتيءَ تان،
سياڻا ڪين اُٿي سگهيا، گهرين سوچن مان،
پنهنجين سوچن سان، وينئي سڀ سڙي وَيا.

◈

وچڙي آ هر ذهن کي، سوچ جراثيمي،
ڪُرسين تي آهن پيا، ويچ تہ آرامي،
ٿيندو ماتامي، آئيندو هن دؤر تي.

◈

منهنجي مَن اندر، غارِ حِرا جي ڀاڪَ هُئي،
اُڀري آيو اوچتو، سورج منهنجي گهر،
کوليون مون اُن پر، اکيون روشن ٿي وَيون.

◈

چؤڏس چُپ چُپات، آهي قبرستانَ ۾،
ڳاڙها گل قبرن مٿان، خوشبو چوڏهينءَ رات،
هر هر چنڊ پائي ڀِيو، جهڳٽن منجهان جهات،
ڪير ڪري ڪا بات، مٽيءَ جي مانارَ مان؟

◈

پنهنجا پنهنجا دائرا، پنهنجو پنهنجو ماڳ،
جِيوَن سمنڊ اَجهاڳ، ڪُنن ڪاٿو ناهہ ڪو!

◈

اکيون ٿو پُوريان، صحرا آهي سامهون،
جڙ ڪو ازلي پنڌ آ، پيو ٿو مان ڏوريان،
اکيون ٿو کوليان، چوڏاري ديوار آ!

◈

عينڪ پائي سچ جي، جيڪي ڏٺوسون،
سو جي کين ڏَسِيُون، مارن وِچ بازار ۾!

◈

عينڪ پائي سچ جي، جيئن ٿو آءٌ ڏِسان،
ماڻهو ڏڙ جِيئان، ڪوئي ڪاهيو ٿو وجي.

◈

’سعيد‘ سُري آ اورتي، ويجهو ڏِس جاچي!
ايئن نہ زماني کي، بيهي ڏِس شيشي منجهان.

◈

مونکان ڪِل نڪري وئي، ڏٺم جيئن هن کي،
گڏهُہ ڪرسيءَ تي، ويٺو هو آفيس ۾.

◈

مونکان پئسينجر اُهو ’سعيد‘ نہ آ وسريو
جو بازارِ حُسن مان، رڪشا ۾ وينو
چِيائين: ”مان ڳوليان پيو ”پاڪيزه محلو“،
ڏنو آهي تو؟ مونکي اوڏهين هل وٺي!“

◈

رڪشا بيڙي تو لڳي، روڊ سمونڊ جِيان،
لڙهندو لهرن سان، ڪاڏي آءُ وڃان پيو؟

◈

”الا! ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏکَ ڏِسن“،
اکيون انهيءَ سِٽ کان، اڳتي ڪين پڙهَن،
نہ ٿيون ڪجھ ڏِسن، آڏو پاٽي آ رڳو.

◈

ڪالھ مليو بازار ۾، هو ڪجھ ويڳاڻو
’سعيد‘ ڳوناٽو قاتو آ جڙ شهر ۾!

◈

آئي ڳاڙهي ويس ۾، ڳوِتا حسينا،
ڪمرو خوشبو ٿي وَيو چمڪيا آئينا،
جاڳيا سازينا، ’سعيد‘ سندس آواز تي.

◈

نچڻيءَ ڪنڌ ڏَريو جوڙي هٿ نياز سان،
طبلي جي آواز تي، ڇيرين ڇرڪ ڀَريو
يڪدم جسم چِڙيو لونءَ لونءَ انگ انگ ناچ ۾.

◈

بيهي پت جي ڇانوَ ۾، ساهي پٽي ٿو
پوڙهو ڪچيءَ پت ڏي، گُهوري ڏسي ٿو
ڪاڏي وڃي ٿو ڪِرِلين جو هي قافلو؟

◈

چانڊوڪي آئي هلي، چنڊ جي پاڪُرَ ۾،
نيري ساگر ۾، گڏجي ٻئي وهنجن پيا.

◈

ڏسي ٿو آڪاش ڏي، يوسف ڪوهه منجهان،
بيٺو آهي ماٺ ۾، پوڙهو چنڊ مٿان،
پَيو آهي اَڄان، يوسف ڪاري ڪوهه ۾!

◈

دروازي کي بند ڪري، بلب وسايائين،
چنڊَ بدن تان نيرڙا، بادَلَ لاٿائين،
۽ پوءِ اريايائين، جوڀن چوڏهينءَ رات جو.

◈

خالي ڪمري جي اندر، جِهرڪي جو آئي،
منهنجي تنهائي، مُرڪي پئي اُن ڪي ڏسي.

◈

ڏِسان پيو سامهوُن، دَرَ وٽ بيهي آنءُ،
سنجهيءَ مٿان ڪانءُ، پُسي پيو مينهن ۾.

◈

اڳتي هلندي ٿي وڃي، اونداهيءَ مان ديدَ،
هڪڙو خواب ’سعيد‘، نيڻن منجهه ڀَري پيو.

◈

اڳتي ديد هلي وَئي، اورانگهي تارا،
حد نہ آ پيارا، لاحد آهي سِرشتي.

◈

# هائيڪا

پکين جي قطارَ
اگھڻ مٿان ڏسندي وَئي
تنهنجا ڪُليل وارَ

حبيب ساجد مان
شام لبِ مهراڻ تي
تنها روحن جيان

شعر چولين جيان
سڪر واري پُل تي
حبيب ساجد سان

شعر پَيا پڙهبا
اَسان مرده قوم جي
قبرن جا ڪتبا

* حبيب ساجد ـ منهنجو شاعر دوست

ديري مٿان چنڊ

چانڊوڪيءَ ۾ ٿي لڳي
سوني هر هڪ ٻنڌَ

نلڪي جي هيٺان
وهنجي ٿي هُوءَ ڇوڪري
سنهڙي پوتيءَ سان

پوڙهوءَ ڪوٽني
ڏُنڏلو ڇَهر وِڍيد ۾
ٻريل ميڻ بتي

ڊرائيور ۽ رڪشا
لهن چڙهن ٿا واٽَ ۾
پئسينجر پاڇا

دايَن وارو دَرُ
اُنَ جي بِلڪل سامهُون
’سعيد‘ جو ٿئي گهر

چوڏهينءَ رات اڳڻ
چمڪي ٿو چانڊاڻ ۾
* بيد مشڪ جو وڻ

* ڳوٺ عقل ۾ منهنجو گهر

منهنجي گهر ۾ بيٺل بيدمشڪ جو وڻ (سعيد)

# پنجڪڙا

راتِ اوسيئڙي ۾ بيٺي آ
هوءَ آڳر ۾ ويسَ ڳاڙهي ۾
سامهون ڏيئو ٻري ٿو جاري ۾
”چنڊ“ لئہ سيئڙي ۾ بيٺي آ
راتِ اوسِيئڙي ۾ بيٺي آ

◈

ڪوئي ڪرٽو اچي نہ ڪڙڪيءَ مان
”زندگي“ رات جو مري ويئي
بستري منجھ آ ٺري ويئي
ڪين ٽپندي ڪنهين بہ گرميءَ سان
ڪوئي ڪرٽو اچي نہ ڪڙڪيءَ مان

◈

پنجڪڙو نظم

# مان ڏسان ٿو پيو

مان ڏسان ٿو پَيو مَن جي شيشي منجهان:
نيڻ، نڪ، ترُ ۽ رخسارَ چمڪن پيا
چانڊنيءَ ۾ سندس وارَ چمڪن پيا
آ اڱڻ ۾ سُتل، چنڊ چهري مثان
مان ڏسان ٿو پيو من جي شيشي منجهان.

مان ڏسان ٿو پَيو من جي شيشي منجهان:
هورڙيان هورڙيان لڱ پُسائي پَئي
وهنجندي گيت منهنجو ڪو ڳائي پئي
رنگ شاوَر منجهان ٽا ٽِڪن هُن مٿان
مان ڏسان ٿو پَيو من جي شيشي منجهان.

مان ڏسان ٿو پَيو من جي شيشي منجهان:
هرڪٽي ٿي پئي، هر رکي ٿي پئي
منهنجي تصوير هر هر ڏسي ٿي پئي
۽ رکي ٿي چڏي چپ ان جي مٿان
مان ڏسان ٿو پيو من جي شيشي منجهان.

مان ڏسان ٿو پَيو من جي شيشي منجهان:
الوداعي نظر سان ڏسي ٿي پئي
”مارئي هاسٽل“ کي ڇڏي ٿي پئي
هُوءَ اُڳهي ٿي اکيون پنهنجي پوتيءَ سان
مان ڏسان ٿو پَيو من جي شيشي منجهان.

مان ڏسان ٿو پَيو من جي شيشي منجهان:
رات ويلي اڱڻ منهنجو مهڪي پيو
تنهنجو چهرو نظر منجهه چمڪي پيو
نيڻ منهنجا بڻي تنهنجي ”تِرَ“ جي مثان
مان ڏسان ٿو پَيو من جي شيشي منجهان.

مان ڏسان ٿو پَيو من جي شيشي منجهان:
نيري دَرَ اوٽ ۾ ڏيوڍيءَ ۾ بَئي
”الوداع“ چَئي جڏهن مون ويڄڻ جي ڪئي
نيڻ پرجي وَيا تنهنجا پاٽيءَ سان
مان ڏسان ٿو پَيو من جي شيشي منجهان.

مان ڏسان ٿو پَيو من جي شيشي منجهان:
ڪوئي پاتي نہ هو رات جو منهنجي گهر
هيڪلو مان سُتل هوس ڪمري اندر
آئي ڪمري اندر ڪولي در هورڙيان
مان ڏسان ٿو پَيو من جي شيشي منجهان.

مان ڏسان ٿو پَيو من جي شيشي منجهان:
منهنجي نڪ کي ونئي هُن لوڏيو هُيو
چرڪ سان مان تڏهن هوس جاڳي پيو
هوءَ ويئي هلي مون وٽان اَسر سان
مان ڏسان ٿو پيو من جي شيشي منجهان.

مان ڏسان ٿو پَيو من جي شيشي منجهان:
هُو خماريل اکيون، هلڪي لالي منجهن
چا ته چلڪي پَيو، کِير جهڙو بدن
واڳُڙائي وڳو جسم پوري مٿان
مان ڏسان ٿو پَيو من جي شيشي منجهان.

مان ڏسان ٿو پَيو من جي شيشي منجهان:
بستري ۾ سڄي رات سرهاڻ هئي،
انگ انگ ۾ جوانيءَ جي گرماڻ هئي،
سر رکي هئي سُتي منهنجي سيني مٿان،
مان ڏسان ٿو پيو من جي شيشي منجهان.

مان ڏسان ٿو پَيو من جي شيشي منجهان:
شام ويلي هليا پئي ٻئي ماٺ ۾
ڄامشوري جي ٿڌڙي هوا ساٿ ۾
چپ ۾ وينا اچي ٻن قبرن مٿان،

مان ڏسان ٿو پيو من جي شيشي منهنجا.

مان ڏسان ٿو پَيو من جي شيشي منهجان:
آ اڇي ويس ۾ پرس ناسي آٿس
اڄ الائي ڇو منهن تي اُداسي آٿس
لان ۾ چُپ ۾ ويٺي آ سرتيءَ سان
مان ڏسان ٿو پيو من جي شيشي منجهان.

مان ڏسان ٿو پَيو من جي شيشي منجهان:
اتفاقاً چڙهي منهنجي رڪشا ۾ ڪلهه،
هر مسافر جيان ساڻ هئي چندَ پَل،
ٻِ لهي ويئي هُوءَ پنهنجي گهر جي اڳيان،
مان ڏسان ٿو پَيو من جي شيشي منجهان.

مان ڏسان ٿو پَيو من جي شيشي منهنجان:
ٻارَ ننڍڙا سپيئي سُنا ٿا لڳن،
سڀ سليٽن تي سامهون ڏسي ٿا لکن،
مان لکان ٿو اکر بورڊ تي چاڪ سان،
مان ڏسان ٿو پيو من جي شيشي منجهان.

## غزل

منهنجي گهر ۾ برات آئي آ،
چنڊ تارن سان رات آئي آ.

ڪنهن نہ ڪنهن ڳُنڍ ۾ ڪريل هوندا،
مُنڊيءَ ۾ جن کي مات آئي آ.

تو جو اڇلي ڇڏيو انڌيري ۾،
مون ڏي ڏياٽين سان ڏات آ.

پاڻ ۾ مان نٽو سگهان ماپي،
جيءَ ۾ ڪائنات آئي آ.

زندگي هئي ٻڌل زنجيرن ۾،
موت آيو نجات آئي آ.

وقت بيهي رهيو آ هڪ پَل ۾،
پل ۾ تنهنجي جو بات آئي آ.

◈

# پٽائيءَ کي پيٽا

ايڏو ويڳاڻو آهي اڄ لطيف ڇو؟
اڪيون هيٺ زمين ۾ منهن لڙڪن هاڻو
کهڙو ڳاراڻو هن کي ڳاري ٿو پيو؟

◈

اڪيون هيٺ زمين ۾ شاهه پٽائيءَ جون،
ڪنهن اڻ ڄاتي ماڳ ڏي وڃن ٿيون ڪِوليون،
ڄڻ سمجهائن ٿيون، هڪ سفر آ زندگي.

◈

اڪيون هيٺ زمين ۾ واچوڙا ويچارَ
وِکري وِيا هن واءُ ۾ هن جا پَنيا وارَ
سانجهيءَ ڪنهن جي سارَ ڪيس اُڏايو ٿي وڃي.

◈

اڪيون هيٺ زمين ۾ پگهريل پيشاني،
اکين ڏٺا اوچتو منظر لافاني،
رمزون روحاني، ڪُليون شاهه لطيف تي.

◈

اڪيون ڳاڙهي اُڀ ۾ سانجهيءَ ڪنهن جي سارَ
’سعيد‘ وڃي ٿي سامُهون، ڪونجن جي قطارَ
ڪُونجن ساڻ نِهارَ ڇو ٿي پٽڪي شاهه جي!

◈

اڪيون ڳاڙهيون اُڀ ۾، روح اندر راڙو
”ڪُلهي ڦاٽو ڪنجرو مٿو اُگهاڙو“،
ڪوئي اُماڙو جلائي ٿو جيءَ کي.

◈

”الا ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏُکَ ڏِسن“
اڪيون انهيءَ سِٽ کان، اڳتي ڪيئن پڙهن،
نہ ٿيون ڪجهہ ڏِسن، آڏو پاٽي آ رڳو.

◈

اتڪيون سُورج سان، اکيون ڳاڙهي اُڀ ۾
جڻ تہ وجي ٿو پُوربو، پٽن جي هيٺان،
آهن سج مٿان، اکيون شاهہ لطيف جون.

◈

چوڏهينءَ جو چمڪن پيون، پٽُون واريءَ جون،
ڪِهڙي چنڊ جي پوئتان، نڪتيون هِن نظرون،
پِٽ پِٽ پٽڪن ٿيون، اکيون شاهہ لطيف جون.

◈

ڏسي شاهہ لطيف ٿو ڪٽي نيڻ مٿي،
تارا آهن بيت جڻ، وکريل امبر تي،
پِرسان آ جن جي، چهرو چنڊ پرينءَ جو.

◈

رات لتاڙي فاصلا، مليس جيئن هُن سان،
اکيون شاهہ لطيف جون، چمڪيون ڏيئن جيان،
مُرڪيو چنڊ مٿان، رڻ ۾ ٿي وئي روشني.

◈

رڻ ۾ ٿي وئي روشني، چمڪي پئي واري،
بيٺن ٽهلائي ڇڏي، خوشبوءِ چوڌاري،
رات اِها ساري، هئي جڻ سُندر خواب جيان.

◈

اڻ ڄاتي هن ماڳ ڏي، پيو ٿو مَن ڇڪي،
هاڻي منهنجو هينئڙو، نہ ٿو هِت ٽڪي،
چيم پڇائيءَ کي، "مون کي ساڻ وٺي هلو!"

◈

مرڪي شاهہ چيو: "اِها، روشن رڪجان لاٺ!
اوکي آ هيءَ واٽ، سُونهُون ٿيندءِ سوجهرو!"

◈

اڇي صبح سويرَ، ويٺو کپ ڪراڙ تي،
ٽڏڙي پاٽيءَ جي اندر، ٻوڙيئين ٻئي پيرَ،
سارَ سُري تنهن ويرِ، ڪنهن رابيلي ڇيچ جي.

◈

اچي بَرَ منجهان، قلم گهندو ٿو وڃي،
لفظن جو آ قافلو قلم جي پويان،
ڪيئن مان هٿ ڪڍان، ڪيئن بيهاريان قافلو؟

◈

نڪري پاڻيءَ مان، پٽڪيا پئي ڌرتيءَ مٿي،
هي مسافرَ ڪير ها، آيا ها چاڪان،
گذري رستن تان، مٿيءَ منجهه لَهي وَيا.

◈

تو چيو: ”هَٿ نہ ڏي، تنهنجو ياڳُ ڏسان!“
۽ پوءِ هَٿُ ڏنئہ پئي، ڏاڍي ڏيان وِچان،
۽ تو هٿ مٿان، پنهنجا چپ رکي ڇڏيا.

◈

پنهنجو ڪجهه پاريو سُورج ساٿ ڇڏي ويو
پاري پنهنجون آڱريون، رستو ڏيکاريو،
ايئن نہ بيهاريو اونداهيءَ ۾ قافلو.

◈

رستي ۾ ويهي رهيو ٿَڪُ پيچرڻ جي ڪان،
هن ڪي ننڊ وٺي وئي، گهاٽي وڻ هيٺان،
۽ هُو ننڊ منجهان، پِيهر ڪِين اُٿي سَگهيو.

◈

خوشبو ڪنهن جي ياد جي ، آيس واءُ منجهان،
هُن جا نيڻ پُسي وَيا، پَلَ ۾ پاڻيءَ سان،
۽ هُو ڇَپَرَ مٿان، ٻُوٽي نيڻ سُمهي پَيو.

هيل ته ڪندا ئي ڦُٽا، ذهني پُونءِ منجهان،
سوچ ڪندن ۾ وئي مَري، پَنڪي گلڙن ڪان،
رهجي وِيا پويان، ڳاڙها پيرا رت جا!

رڪشا ۾ پوءِ چَڙهيو چِيائين: ”تيز هلاءِ!
قبرستان پُجاءِ! ڏاڍي تِي وئي ديرَ آ.“

هر ماڻهوءَ جي ذهن ۾، ڪوريئڙو آهي،
جيڪو خيالي جار تو جِيوَن جو ناهي،
چِڏن ٿيون ڊاهي، اُن ڪي ڳُجهِيُون آڱريون.

مون ته ٻڌائِي تو اڳيان، آئينو ديوارَ
ڪجهه نه ڏٺو تو يارَ اکيون پٿر جون هيئَ!

ڦٽڪي ٿي تاريخ، اونداهي پاتال ۾،
هن جي ڪائي چيخَ، پٿرَ ڪِين ٻُڌي سگهيا.

دنيا جي جنجال ۾، ايڏو اُلجهي وِيُس،
سانڍي ڪين سگهيس، پياري تنهنجي ياد کي.

◈

تنهنجي مان تخليق تي، ڪهڙي راءِ ڏيان؟
خالق! هيءَ دنيا، مونکي اٽپوري لڳي.

◈

پاڻ وچون تا پُوربا، واريءَ جي هيٺان،
واءُ! نياپو تا ڏيون، سانڍي تون رکجان!
پانڌين کي چئجان: ”متان ماڳ وِساريو!“

◈

آئون هِتڙي پاڻ کي، ڏاريو ٿو ڀانيان،
آيو جڏهن آهيان، پلجي تنهنجي ديس ۾.

◈

پردا لاهي رات جو ڳاڙهو گل ٽڙيو
چانڊوڪي مهڪي پئي، مَهڪيو جهنگُ سڄو
مونکي ايئن لڳو جڻ هو چنڊ خمارَ ۾!

◈

هُن کي هئي جا گودڙي، تنهن ۾ خواب هُيا،
خواب ڪڍي هُن سنڌ ۾، سيني کي ارپيا،
نذراني ۾ ڪيترا، هن کي لڙڪ مليا،
پوءِ وني آگيا*، ويو هو جوڳي سانورو.

◈

ٻيهر گهمنداسين وَري، پاڻ ڪناري سان،
هاٽي چڙ ته وڃان، مونکي سمنڊ سڏي پَيو.

◈

وقت_نديءَ ۾ ڪيترو ڳوليان ماضيءَ کي،
ڪاهيان ڪشتيءَ کي، آئيندي جي پارَ ڏي.

◈

آءُ فنا جي هنج ۾، پِيو هُس ’سعيد‘ سُمهي،
’جِيوَن‘ جاڳايو اچي، ’قدرت‘ چِيو چُمي:
”دنيا، آءُ گهمي، وڃ تون گڏجي ’وقت‘ سان!“

◈

هن کي گهري نند مان، ”قدرت“ جاڳايو
”ذات“، ”قلم“، ”ڪاغذ“ ڏئي، سڀ ڪجهه سمجهايو
”وقت“ وني آيو شاعر کي ڏرتيءَ مٿي.

◈

* آگيا – اجازت

# امام حُسينؑ جي ياد ۾

هيٺ چتائي ڏٺو خيمن مٿان چنڊَ،
جڻ ڪو گهرو راز هو سانڍيو ساري منڊَ،
ٻارَ پيا ها ننڊَ، هئي ڪا سوچ حسين کي.

◈

آڌيءَ رات حُسين تو وينو ويچاري:
”ڪارا پربت ڪُوڙ جا، همت سان ڏاري،
ايندس اُياري، آئون سورج سچ جو“

◈

آئون سورج سچ جو ٻڻجي آيو هان،
ڌرتي! مان چاڻان، توکي گهُرجي روشني.

◈

وجي مير حُسين تو هلندو واريءَ تان،
پيرن جا نِيشانَ ٿا، چمڪن ايئن پويان،
جڻ هُو پونيَنِ ڪان، چنڊَ چڏيندو تو وجي.

◈

# بيت

منهنجي مَنَ جي باغ ۾، آهن گل ٽڙيا،
مهڪي پئي آ زندگي، مهڪيا سڀ سپنا،
ليڪن منهنجي دؤر جي، بي حِس آهِ هَوا،
جيڪا هر ڏِسا، خوشبو ڦهلائي نہ ٿي!

◈

اَسان سيلاني، آياسين ڌرتيءَ تي
گهارياسين ڪجهہ ڏينهڙا، توسان گڏ جاني!
ڪوتا نيشاني، توکي ڏيئي ٿا وَڃون!

◈

مون جو ڌرتيءَ تان، ڏٺو پئي آڪاش ڏي،
منهنجي ديدَ هلي وئي، اڱتي تارن ڪان،
ڪنهن کي ڪيئن ڏسِيان، تڏهين مون ڇا ڇا ڏٺو؟

◈

آئيني جي سامهون، وارَ سنواري ٿي،
هر هر پنهنجي حسن ڏي، هُوءَ نهاري ٿي،
مُرڪي ماري ٿي، ناري پنهنجو پاڻ کي.

◈

هن جي نرم ڇُهاوَ سان، ويئي ننڊ ٽَري،
سنهڙي نيري ويس ۾، آئي اِيئن سُري،
پِيا ٻئي نيڻ ٽري، جوڻن ڳِوتا جو ڏسي.

◈

عاقل! تنهنجي هنج ۾، مان ٿو خوابَ رکان،
تن جو خيال ڪجان، جيسين ٻڍجن ساپيان.

◈

هلندي آءُ ڏسان پَيو، سائيڊ شيشي مان،
رڪشا جي پويان، سڀ ڪجهه رهندو ٿو وڃي.

◈

اکين ۾ سانڊيان، آئون ساري سرشتي،
اندر منجهه پَسان، ساري هن مانڊاڻ کي.

◈

نپجي ٿو هڪ راز، خاموشيءَ جي هنج ۾،
’سعيد‘ انهيءَ جو گونجندو، چوڏاري آواز،
ٿيندو نئون آغاز، انساني تاريخ ۾.

◈

آءُ لکان ٿو رت سان، ڪاري ڪاڳر تي،
اونداهي ٽـَرَ ڪي، روشن ڪيان ٿو رات جو.

◈

ساڙي ڳُوِتائون، لوڙهيا رکَ سمونڊ ۾،
لهرون لهرون ٿي وڃن، پنهنجون پيڙائون،
پاڻ بہ پو آئون، لهرن هيٺ لِڪي وڃان.

◈

اچليان ٿو آئون، بابا!٭ بيت ڪِراڙَ ۾،
انڌن ٻوڙن جي اڳيان، آندم ڳوِتائُون،
ڪِين سمجهيائون، مرشدا! منهنجي شاعري.

◈

مان هان موهن جو دڙو، مٿيءَ جا انبارَ
اکين ۾ آثارَ آهن هڪڙي خواب جا.

◈

٭ بابا ـ پٽائيءَ کي پيار مان "بابا" چوندو آهيان.

هَستي آئي آ هِتي، ڪهڙي مقصد سان،
آخر ڇاجي ڪان، آيس آءُ وجود ۾.

◈

جو آ قيدي وقت جو، ناهيان سو انسانُ،
پنهنجو آءُ زمان هان، پنهنجو آءُ مڪانُ،
ٿيندين تون حيران، منهنجي دنيا ۾ اچي.

◈

بادل ورتو روپ هو، پوڙهي ماڻهوءَ جو،
جيڪو ڪاري جُهڙ طرف، وَيو پئي هلندو،
ڏٺم پَلَ ڪان پو، پوڙهو ڪين لڀي سگهيو.

◈

ٽڪرا ٽڪرا جَڏ ڪيم، هئي جا منهنجي ”مان“،
ٽڪرو ٽڪرو ٿي پيو، هڪڙي مڪمل مان،
انهن سيني مان، ’مان‘ کي ڪونه ڪڍي سگهيو.

◈

مون جو موهن شهر ۾، آلِي سِرَ مٿان،
تنهنجو نانءُ لکيو هُيو، پنهنجي آڱر سان،
مٿيءَ جي هينان، مونسان گڏ گم ٿي وَيو.

◈

پٽڪيس پئي مان پُونءِ تي، گُم ٿيل ٻار جيان،
دنيا هئي ڏاڍي وڏي، گهر نہ لڌو مونکان،
ٿڪجي موٽيس پوئتي، سوچيم ننڊ ڪيان،
سوري پيار منجهان، موت سمهاريو هنج ۾.

◈

واٽو آهن وِيهہ ٿيون، آهي ٻي چيني،
آسي زميني!* ڪاڏي ڪاهيون قافلو؟

◈

سانجهيءَ عاقل، بند تي، اڪيلو ناهيان،
مينهُون جيئن موٽن پَيو هڪٻئي جي پويان،
يادُن جو تن جيان، ڪڏ اچي ٿو قافلو.

◈

فائيلن مان منهن ڪڍي، مونکي چنبڙي پيا،
ڪيسا ڪائي وِيا، ڪُتا هِنَ آفيس جا.

◈

ڏسندي تنهنجو تِــر، پونرا ٿي پيون ماٽڪيون،
چهرو آڻ تہ سامهُون، مُرڪي مون ڏي مُڙ،
سيني ڏي تون سُرُ، تو مان واسُ وَنان پرينِءَ!

◈

* آسي زميني_ منهنجو هم عصر شاعر دوست.

ساندهہ هِنَ سَرابَ ۾، ڪيسين پٽڪي هانءُ،
سَڏَنِ پويان ڊوڙندي، سَهڪِي پيو هان آنءُ،
ڪاٿي آهي ڇانءُ، گوتم! تنهنجي ٻڙ جي؟

◈

سوري پنهنجي ساهہ ڏي، ڳل نہ لاتوسين،
ساجن پنهنجي سامُهون، عڪسُ ئي پاتوسين،
پئي واجهايوسين، شيشي جي ديوارَ مان.

◈

الميہ ڊرامو زندگي، مشڪرا ڪردارَ
اِيئن لڳي ٿو ڪين آ، ڪو بہ هدايت ڪار،
بور ادا ڪاري ڏسي، ٿي پيو هان بيزار،
پو بہ ڏسان پيو يارَا! شيشي جي ديوارَ مان.

◈

رات ڏٺي مون خواب ۾، ڳوِتا حسينا،
هٿن ۾ چمڪيس پئي، نِيرا نگينا،
اَکڙيون آئينا، جن ۾ چنڊ جي روشني.

◈

هُوءَ حسينا خواب هئي، خوابن ۾ آئي،
سارَ آ تنهائي، ساپيائن جي سُجَ ۾.

◈

عرشي اونچائي، گهُوري نيڻ نِميَ پـَيا،
ڪاري چادر رات جي، صوفيءَ سِرڪائي،
هيٺ نظر آئي، نيري اُڀَ جي روشني.

◈

نيري اُڀَ تي روشني، هيٺان ڌرتيءَ ڏنڊُ،
آڌيءَ هڪڙي گهر جو، چمڪي ٿو آڳنڊُ،
هيٺ نِوايو ڪنڌ، ’سعيد‘ لکي ٿو شاعري.

◈

جهاڳيوسين جِيوَن، هڪڙي گل جي عشق ۾،
ڪاراٽيو جهولَنِ، رَنگ اسان جو راهه ۾.

◈

سارُون تنهنجون مان، باک ڦٽيءَ جو باغ ۾،
ڪوهيڙي پويان، ڏُنڏلو گُلُ گلابَ جو.

◈

ماڻهو سَڀُ، زمين تي، ڪِوليُون ٿِيِ آهنِ،
ڪَنڊُ ڌَري ٿَن واتَ ۾، اڳتي ٿا ڪاهِنِ،
سا ٿا پهچائِنِ، پنهنجي پنهنجي ٻِـرَ ۾.

◈

پٽڪايو راهُن، ٽڪجي پياسين پنڌ ۾،
وَنيءَ جي ٻانهن، مونکي ’سعيد‘ سنڀالِيو.

◈

ڪريو ٽا پَرِن، لُڙڪ رسالي جي مَٽان،
دل کي لفظ لطيف جا، لوڙهيو ٽا وَجن،
”ديسي سيڻ ڳجنِ، پرديسي کهڙا پرين!“

◈

لهرن سمجهايُس گهڻو، ڪِين پَيو سمجهي،
ساندهہ ٻوليندو رَهيو هڪڙِي ڇوليءَ کي،
هيڏي سمنڊ اَجهاڳ ۾، ڪنهن ڪان هُوءَ ليي؟
نيٺ جُنونيءَ کي، ڪارا ڪُنَ ڳِهِي وَيا!

◈

هڪڙي ڇوليءَ جي پُٺيان، ٻي خود نڪري پيو،
روڪَ هئي جا وقت جِي، تنهن کان پِي نہ رُڪيو
نيٺ وڃي گم ٿِيو اندر ڪاري سمنڊ ۾.

◈

آءُ ڏسان ٿو خواب ۾، شهر آ شيشي جو
آهن عڪس رڳو، رهواسي هِنِ شهر جا!

◈

جِيوَن جڻ تہ لڳي پَيو واريءَ وارو پَنڌُ،
ڳاڻي ڪِين ملي سَگهيو، ڇانوَ پَريو ڪو هَنڌُ،
سفر آهي سُڃَ ۾ ، ساٿو ساٿو سَنڌُ،
موڙِ نہ پو پيي ڳنڌُ، هلڻو آ هر حالَ ۾.

◈

آيو آهہ ڳهي، سَرتيون! منهنجو سانورو،
نيڻ ڏسي چَمڪي پَيا، چند تہ منهنجو هي،
مَهڪي رات پئي، آنڌئِين ڳُل رابيل جا.

◈

# وايون

پـائي تـنـهـنـجي پـريـت
لُــڻ ۽ لُــڻ ۽ آ سنگيت
سازوڄن ٿا ساهہ ۾.
خوشبو خوشبو ڪيت هِي،
سانجهي ۽ ساريم مِيت.
سازوڄن ٿا ساهہ ۾.
آ ۽ تہ گڏجي ڳائيون
اڻـــپـــورو آ گِـــيـــت.
سازوڄن ٿا ساهہ ۾.
تارون پنهنجي جيءَ جون
تـوڙ نـہ تـون اِن رِيـت.
سازوڄن ٿا ساهہ ۾.
سازوڄن ٿا ساهہ ۾.

ڪــــر نـہ اوســيئــڙا!
ڪـنهن جا اوجـيئڙا!
جِيوَن هيڪل جهاڳجي.
ساڻ نـہ هلنديءِ سُجَ ۾
ڪــوئي جـوڳـيـئـڙا!
جِيوَن هيڪل جهاڳجي.
ڪجين واري شهر ۾
جــاچ نـہ جانيـئـڙا!
جِيوَن هيڪل جهاڳجي.
پاتا آهن عشق ۾
اڪـيـن اوسـيئـڙا!
جِيوَن هيڪل جهاڳجي.
نينهن نظر ۾ چا مليو
مـارايـئـہ هـيـنـئـڙا!
جِيوَن هيڪل جهاڳجي.

تنهنجا پنڌ پري
ڏاڍا سَڏ ڪري
پارڻ مٺاسين پنڌ ۾.

پھتو ڪين طبيب ڪو
دارونءَ ريءَ آڙي!
پارڻ مٺاسين پنڌ ۾.

هُونءَ بہ ڪھڙو ماڳ هو
جنهن ڏي جيءُ وري!
پارڻ مٺاسين پنڌ ۾.

تنهنجي گهر مٿان
ڪيسين مان بيهان
آئون بادل اُڃ جو.
پتڪان ٿو نيراڻ ۾
هڪڙي ڪڪريءَ ڪان
آئون بادل اُڃ جو.
تو تي راڻي رات جي
آڏيءَ ويل وسان
آئون بادل اُڃ جو.
ناهي ٿوس وجود ڪو
پل پل ٿو متجان
آئون بادل اُڃ جو.
وڪري ويندس واءُ ۾
عشق نہ ڪر مونسان
آئون بادل اُڃ جو.
آئون بادل اُڃ جو.

◈

بيٺو آءٌ ڏسان
ڪارو سمنڊ اڱيان
سامهون ٻيڙا تا وڃن.
ويٺو آهيان ريت تي
آئينءَ ڪِين اڃان
سامهون ٻيڙا تا وڃن.
وَيا پير وڃائبا
پاڻيءَ جي پويان
سامهون ٻيڙا تا وڃن.
چوليون چلڪن ڪيرَ جون
چمڪي چنڊ پَريان
سامهون ٻيڙا تا وڃن.
ٻانهون لوڏن تا ٻئي
ڪئن مان ’سعيد‘ ڏسان
سامهون ٻيڙا تا وڃن.
سامهون ٻيڙا تا وڃن.

ڪپ تي چاهِ ملاح!
ڪشتي ڪاهِ ملاح!
ڪاهِيُون گهري سمنڊ ڏي!
ڪنهن کي پنهنجو ڪونجي؟
ڪوئي ناهِ ملاح!
ڪاهِيُون گهري سمنڊ ڏي!
شعلا آهن شهر ۾
پڙڪي باهِ ملاح!
ڪاهِيُون گهري سمنڊ ڏي!
اُڪڙي ويندو واءُ ۾
سڙهه کي ساهِ ملاح!
ڪاهِيُون گهري سمنڊ ڏي!
ڪنهن سان عشق ڪَيو هُيو
دل تان لاهِ ملاح!
ڪاهِيُون گهري سمنڊ ڏي!
ڪاهِيُون گهري سمنڊ ڏي!

تنهنجو خواب ڏسي
آڌيءَ رات سکي!
اکيون آليون ٿي وَيون!
ڪاڏي هو اڏري وَيا
موتيا ڪين پکي!
اکيون آليون ٿي وَيون!
اچي تنهائيءَ ۾
تنهنجي سارَ ٻکِي-
اکيون آليون ٿي وَيون!
رڻ ۾ تو رولي ڇڏيو
او ڙي، هرڻ-اکي!
اکيون آليون ٿي وَيون!
ڪري پياسين روڊ تي
دل تي هَٿُ رکي-
اکيون آليون ٿي وَيون!
اکيون آليون ٿي وَيون!

◈

پو بہ ڪوسو لڳو
تنهنجو آلو بدن۔
سانوڻيءَ مينهن ۾.
آسماني وڳو
۽ جهڙالو بدن۔
سانوڻيءَ مينهن ۾.
اندلٺ تي لڳين
آ اُجالو بدن۔
سانوڻيءَ مينهن ۾.
تنهنجي تِرَ ۾ اکيون
تي وِيو آلو بدن۔
سانوڻيءَ مينهن ۾.
وارَ چُمندا رهيا
چِيڙهيالو بدن۔
سانوڻيءَ مينهن ۾.
مان پُجاري پُسِيَلُ
۽ شِوالو بدن۔
سانوڻيءَ مينهن ۾.
بادلن پئي ڏنو
هُو نِرالو بدن۔
سانوڻيءَ مينهن ۾.

# چوٽستا

ڏينهن جي زندگي آ ذلت جيان
ڇُڇڪرون، شور، موڙ ۽ رستا
رات جي زندگي آ جنت جيان
چنڊ، تارا، سڳنڌ ۽ گوِتا.

◈

باھ هُن تي، ڇنيي تي دانش[1] کي
اڄ ٻہ ڏاڍي ڇِڙي پَئِي آهي
سعيد آيو نہ آ اڃا تائين
هن جي ماني ٺري وئي آهي.

---

[1] دانش = منهنجو پٽ

# غزل

جِي گھِليو گھٽو تنھنجي ترَ ڏي پرين!
پيرَ پھتا نہ پر، تنھنجي گھرَ ڏي پرين!

لاڙ مان جي اسان ڏي لڙي پئو ڪڏھن،
ڳوٺ آھي اسان جو اُتر ڏي پرين!

دوستن جون دليون صاف ناھن حبيب!
ڪير ايندو اوھانجي سکر ڏي پرين!

ھي جھليو آ اسان جھول تنھنجي اڳيان،
پيار جا گل ڏيئن يا پٿر ڏي پرين!

پاڻ ڪي دوست! ڳوليا لھِن ڪين ٿا،
ڪير توکي اسان جي خبر ڏي پرين!

تو بہ پنھنجي اباڻي اجھي کي ڇڏيو،
ھا اسان پڻ وڃون ٿا قبر ڏي پرين!

◈

* حبيب — حبيب ساجد

# غزل

مان بہ ساڳيو نہ هان، تون بہ ساڳي نہ آن،
هاڻ موٽائجي پنهنجو ماضي ڪٿان.

ها، جَلادي آ سياست هتان جي پرين!
داغ ڳاڙها تہ ڏس، هن جي چادر مٿان!

ڪنهن ڪئي دشمني، ڪنهن ڪِديا پير هي،
ڪنهن جو نالو ڪٽان، دوستن جي اڳيان.

منهنجي تنهائيءَ مونکان کسين چو پَئي،
گڏ گذاري نہ سگهنديِنءَ ڪڏهن هن جيان.

ڄامشوري ۾ هاڻي نہ آهي پرين،
’سعيد‘ اوڏهين وڃون هاڻ ڪنهن لئہ اسان؟

# وائي

لڙڪ پرجيو اچن
پيون ٽيون پلڪون پُسن ـ
نيڻ آلا ٻئي رات جو.
ڳوٺ سارو ستل سانت ۾
تو لئي ٿا تَڪن ـ
نيڻ آلا ٻئي رات جو.
وِيو آ سارو وِهاڻو پُسي،
ڪين ٿا هي سُڪَن ـ
نيڻ آلا ٻئي رات جو.
’سعيد‘ ناهي چِٽي چاندني
چنڊ ڏنڏلو ڏسن ـ
نيڻ آلا ٻئي رات جو.

# غزل

ڏنو نہ ساٿ سڪيءَ هونئن ڪنهن حوالي ۾،
رڪيائين نينهن جو ناتو سو صرف نالي ۾.

انڌيري رات ۾ جنهن ڪي قريب پاتوسين،
اڪيون ڏسي نہ سگهيون چهرو سو اُجالي ۾.

اسان جي پريت پنن ۾ ئي پُورجي ويئي،
رهيو هو عشق صحافت جيان رسالي ۾.

ڏنو خدا ڪي اڪين سان مون پنهنجي پاڙي ۾،
نہ ڪنهن مَسيت، گليسا، نہ ڪنهن شِوالي ۾.

شرير ٻارُ هو لڳندو ڳنڀير تي وِيو آ،
هي ڪيئن ڦيرو آيو آ ’سعيد‘ لالي ۾!

◈

# وائي

ڪين پِريَنِ پُڇيو
ءِ نہ ڪنهن سان ڪُڇيو۔
عمر ڪاٽي اَسان سانت ۾.
پير تو وٽ پُڄن ها پرين!
تو ڪٽي هو سَڏيو؟
عمر ڪاٽي اَسان سانت ۾.
دل جي ديوارَ سان سِرُ هڻي
خواهشن پئي پِٽيو۔
عمر ڪاٽي اَسان سانت ۾.
’سعيد‘ ٻوڙن سندي جُوءِ ۾
واتُ پنهنجو سِبيو۔
عمر ڪاٽي اَسان سانت ۾.
عمر ڪاٽي اَسان سانت ۾.

# بيت

شيشا عينڪ جا اُگھي، جڏھن پيي جاچو
ڪڏھن نہ ڪوئي ھمسفر، پاسي ۾ پاتو
پنھنجو ئي پاڇو، سعيد اسان سان ساڻ ھو.

◈

شيشا عينڪ جا اُگھي، ڏِسان ٿو اڳتي،
اجا آ پرتي، رستو منھنجي ماڳ جو.

◈

اُڏريو پئي آڪاش ڏي، دوُنھون ڌرتيءَ تان،
سياڻا ڪين اُتي سگھيا، گھريُن سوچن مان،
پنھنجين سوچن سان، ويٺي سپ سَڙي وَيا.

◈

# وائي

سج سامهون هلو
ڪاهيو قافلو۔
چو نهاريو پيا پوئتي؟
سِرَ مٿان چوليون ۽ اسان
سانت ۾ ساحلو!
چو نهاريو پيا پوئتي؟
لاش منهنجو نہ اُٿندو وري
ها وڃو قاتلو!
چو نهاريو پيا پوئتي؟
موت کان پوءِ آ زندگي!
موت آ مرحلو۔
چو نهاريو پيا پوئتي؟
چو نهاريو پيا پوئتي؟

## (سُر مومل راڻو _ بيت)

مومل! تنهنجي ڪاڪ ڏي، ڪنيون جن وِڪُون،
ثابت تَن مان ڪِين ڪو موٽيو ڏٺو مون،
آهن تنين جوُن، بَتن پاسي بُتيون.

◈

تو پڄاڻان هي، سارا جارا جوت ري،
ڏيئو بتي ۽ نہ ڪا، چمڪائي چمني،
راڻا! هِن تو رِي، ڪارا ڪمرا ڪاڪ جا.

◈

ڪارا ڪمرا ڪاڪ جا، گُگھ ۾ ڪتولا،
ڏيئا، بتيون، چِمنيون، وِسي وِيا گولا،
تو ري او ڍولا! رهي ناهي روشني!

◈

ڪارا ڪمرا ڪاڪ جا، ۾ هيءَ خاموشي،
سُس پُس ڪنهن سرتيءَ جي، نہ ڪا سرگوشي،
هُئي جِت هنبوشي، پُڇڪو ناهي اُت ڪو!

◈

ڪارا ڪمرا ڪاڪ جا، اونداهو دالان،
آهي مومل سامهُون، نہ ڪو شمعدان،
وَيو ٿي ويرانُ، ڪاڪ محل او ميندڙا!

◈

اوندهہ ۾ نيٽڻ، ڪاٿيون ڪاريون راتيون،
سُهائيءَ ۾ سامهُون، ڊِيد ڳري درشن،
راٽا! ڪر روشن، ڪارا ڪمرا ڪاڪ جا.

◈

رنگ برنگي ويسڙا، سانجهيءَ ۽ سرتيون،
ٿاريءَ ٿاريءَ ٿهڪڙا، گلڙن ۾ مُرڪُون،
پوپٽ پڪڙن ٿيون، ڪاڪ محل جي باغ ۾.

◈

ڪاڪ محل جي باغ ۾، راٽا رهاٽيون،
وسرن ڪيئن سي ميندڙا، قربن ڪهاٽيون،
تو مون جي ماٽيون، راتيون مَهڪن مَنَ ۾.

◈

چاهت وارا چنگ، نہ سي ساڳيون سانجهيون،
نہ سي ساڳيون سرتيون، نہ سي ساڳيا سنگ،
رهيا ناهن رنگ، ڪاڪ محل جي باغ ۾.

◈

نيڻن منجھ خمارَ ڪاڪ محل جي باغ ۾،
ڇپَرَ مٿان شام جو سرتين ساڻ پَسارَ
سانجھيءَ وڪريل وارَ جوين_خوشبو واءُ ۾.

◈

ڪاڪ محل جي باغ ۾، اُپَ مٿان بادَل،
گذريون سُرھيون سانجھيون، توسان او سوڍل،
ساريم جنھن مَھَلَ، اڪيون آليون ٿي وَيون.

◈

آھيان اڪيلي، ھيڏي ھن محلات ۾
ڪائي ٻانھي ڪين آ، نہ ڪا سھيلي،
مران ٿي آئيلي! ڪاڪ محل جي ڪُنڊ ۾.

◈

آھن پويان پَل، ميندڙا! محلات ۾
ڪرھو ڪاھي ڪاڪ ڏي، سِگھو آ سوڍَل،
مري ٿي مومل، ڪاڪ محل جي ڪُنڊ ۾.

◈

سانجھي پُسيل پنبڻيُون، مُومل ڳل آلا،
رُئندي آلي ٿي وَئي، گلڙن جي مالھا،
جيءَ ۾ جُھڙالا، ڪڪر نہ ڪوئي ڪاڪ تي.

◈

# غزل

تارن جي پرين! بارات ۾ آ،
او چنڊ! آسان جي رات ۾ آ.

تو مَنَ مان جهيڙو روج اڇي،
اڄ دل تہ وڏي سڪرات ۾ آ.

هر وات ٻڏي وئي پاڻيءَ ۾،
اڄ زور وڏو برسات ۾ آ.

تاريءَ تي اڪيلو آ چا ٿيو؟
ڇڏ مات پکي! تون لات ۾ آ.

جِيوَن ۾ نہ توکي پاتوسين،
تي ڏور نہ منهنجي ذات ۾ آ.

ميڙي نہ سگهيو پنهنجا ٽڪرا،
ڪيڏو نہ ٽُٽي ويو مات ۾ آ.

◈

# غزل

پاڻ اربي چڏيوسين چولين کي،
پنهنجا کهڙا پرين! ڪنارا هِن؟

ها اَسان جي اکين ۾ اوندهہ آ،
هونئن تہ روشن سيئي نظارا هِن.

جنهنکي ڄاتو هيوسين دريا دل،
ڪين ڄاتئين تہ ڪي اجارا هِن.

جن جي نيڻن کي تو چميو آهي،
پاڻ ڪان پيي اسان کي پيارا هِن.

هڪ ستارو ٽُٽو تہ ڇا ٿي پيو،
نيري اُڀ ۾ سوين ستارا هِن.

تنهنجو خالق! ڀرم تہ رکڻو آ،
زندگيءَ سان مڙئي گذارا هِن.

◈

# وائي

اونداهيءَ ۾ ڪو۔
اکيون ڳولي ٿو.
انڌين پٽين تي
رکي هٿ انڌو۔
اکيون ڳولي ٿو.
در پنيان گهوري
ڪنهن جون آئينو۔
اکيون ڳولي ٿو.
سڀُ لتاڙي وِيس
رستي منجهه صفحو۔
اکيون ڳولي ٿو.

# وائي

سِرُون چمڪي پيون
ڪوهہ جي اندر-
چندُ لهي آيو.
آڳر ۾ ”دانش“
جڻ آ منهنجي گهر-
چندُ لهي آيو.
لهرن ڪنڌ ڪنيا
پاڻيءَ ۾ جنهن پَر-
چندُ لهي آيو.
نيري ساگر ۾
تارا مچيءَ دَر -
چندُ لهي آيو.

❊ دانش — منهنجو پُٽ

# غزل

هيءَ خوشبو ڀني،
واءُ ڪي ڪنهن ڏني؟

ڏِسُ تہ ڪيڏي اَڇي،
چنڊ جي آ وَني!

چُپ ڪنارا هُيا،
۽ ندي پئي رُني!

موت ڪستو جهليو،
مون حياتي ڏني!

ڏَرَ جي ٻيڪڙ منجهان!
ٿي ڏسي روشني!

پاڻيءَ ۾ ڪو پينڌ ڪريو
چوڙين وانگر لهرون نڪتيون!

◈

تارا تا ڏين پهرو
۽ سج سمهڻ ويو آ!

◈

# پنجڪڙو

ڳاڙهي تنبوءَ مان هُو نڪري
سِجُ، وجي ٿو ڪوٺيءَ اندر
ٿيندو صبح تہ ايندو ٻاهر
اوير واري دَرَ مان گذري
ڳاڙهي تنبوءَ مان هو نڪري.

◈

## دوهو

وري نہ ڪوئي مسيحا، وڃائي سِر پنھنجو
صليب وارو آ لاڪيٿ تنھنجي چاتيءَ تي.

◈

## هائيڪو

پاٽيءَ جو تلاءُ
ڪِرليءَ ٿاقوڙا هنيا
گِھلي ويس واءُ.

◈

# پنجڪڙو

وجي ٽو گَس وٺي ڪوئي
پَيون ظاهر ٿين ڏُنڏليون
پَريان چوٽيون پهاڙن جُون
هليو آ ڏَس وٺي ڪوئي
وجي ٽو گَس وٺي ڪوئي.

# وائي

نظر وچڙي نظارن کان
اَسان اڄ نيڻ ٻوٽياسي.
اڙي ڳوِتا! اڙي ڳوِتا!
سنيالي پاڻ کي رکجان-
اَسان اڄ نيڻ ٻوٽياسي.
ڪناري تي پُڇي لهرن
ڇيو پاٽيءَ کي هوريان-
اَسان اڄ نيڻ ٻوٽياسي.
نہ ڏسباسين اسان ڪاٿي
وڃون ٿا اڄ مٽيءَ هيٺان-
اَسان اڄ نيڻ ٻوٽياسي.
اَسان اڄ نيڻ ٻوٽياسي.

# وائي

هانءُ پهاڙي، جذبن_جهرڻا
چنچل چنچل اُڏمن_ڏارون
چانڊوڪيءَ ۾ ساٿ پرينءَ جو.
ڪوسا ڪوسا جذبا جاڳيا
چِڙي پَيون هِن دل جون تارون
چانڊوڪيءَ ۾ ساٿ پرينءَ جو.
شَرَمَ سمورا ڪپڙا لاٿا
ڪَچِيوُن جوڀن ڏانهن نِهارُون
چانڊوڪيءَ ۾ ساٿ پرينءَ جو.
رڳ رڳ منجهه رچي وئي خوشبوءِ
چا تہ بدن ۾ ٽس مهڪارون
چانڊوڪيءَ ۾ ساٿ پرينءَ جو.
چانڊوڪيءَ ۾ ساٿ پرينءَ جو.

◈

# وائي

اي ڏات! رڏم تي ساٿ ڏجان
تو جِيوَن منهنجو رقص ڪري.
هي لهرون ڏڙ ڏڙ ڏڙڪن ٿيون
مَنُ چاهي ٿو مان سمنڊ ٿيان
تو جِيوَن منهنجو رقص ڪري.
ڪي درد هينئين ۾ ڦٿڪن ٿا
اڄ دردن کي ڪجهه چين ڏيان
تو جِيوَن منهنجو رقص ڪري.
جي گيت اندر ۾ چلڪن ٿا
سي گيت الاپن ۾ اوتيان
تو جِيوَن منهنجو رقص ڪري.
هن نيري نيري واديءَ ڏي
آڪاش سڏي ٿو مان اُڏران
تو جِيوَن منهنجو رقص ڪري.
تو جِيوَن منهنجو رقص ڪري.

# غزل

اَسان جيڪي نيڻن ۾ سپنا سجايا،
نہ تن ماڻي ساپيا ڏٺاسين اَجايا.

اڪين جي اڳيان هئي رڳو وات پنهنجي،
نہ ڄاتوسين ڪنهن ڪنهن ها ڪندا وِڇايا؟

اوهان ڏي ميارون نہ آهن اسان جون،
اَسان پيي تہ پنهنجا نہ وعدا نڀايا.

اکين ۾ تريَس پئي جوانيءَ جون يادُون،
ڪڏهن مان ڪراڙي ڪيڏي خط جلايا.

محبت اسان جي هئي خود فريبي،
تڏهن ’سعيد‘ سمجهيو اَچا وارَ آيا.

◈

# وائي

هر تڪاڻو چڏيو
لاڙڪاڻو چڏيو۔
پاڻ جوڳي ڳھي تا وَڃون!
هاڻ اڇبو نظر ڪينڪي
ها پڇاڻو چڏيو!
پاڻ جوڳي ڳھي تا وَڃون!
تي سڏي ديد هُوءَ دارَ ڏي
او سياڻو چڏيو!
پاڻ جوڳي ڳھي تا وَڃون!
موڪلاڻي ڪريو مرڪندي
هي رُساڻو چڏيو!
پاڻ جوڳي ڳھي تا وَڃون!

# بيت

ساڻ نہ آهن ست، ساٿي سڀ ڇڏي ويا،
ڇا ڇا ڏنئہ زندگي، کھڙي ڪريون ڳڻ،
ڪٽي خالي هَٿ، موٽياسين متيءَ ڏي.

◈

سنڌوءَ ڪپ تي شام جو سامھون ڳِرِ نھارَ
سڀ ڪجھ لُڙھندو ٿو وڃي، ڪير ڏِڪي ٿو يارَ
پِرين، پَلَ ۾ پيارَ ڦوٽا سڀ درياءَ ۾.

◈

سنڌوءَ ڪپ تي شام جو سامھون ڪر نھارَ
ڪيڏي سھڻي ٿي لڳي، ڪشتين جي قطارَ
ڪشتين پرسان بارَ پاڻيءَ ۾ تڙڳن پيا.

◈

سنڌوءَ ڪپ تي شام جو مونکي ڪارو ويسُ،
ڪشتيون ڪاهي قرب جون، دلبر موٽو ديس،
پرين! ايئن پرديس، ڇو ٿا لاهيو ڏينھڙا!

◈

اسان جا نالا، پت تي جڙ تہ لکيا ويا،
مٿان بارش جو پئي، ٿي ويا سڀ آلا،
سارا حوالا، آخر ’سعيد‘ ڍهي وَيا!

◈

# رايا

سعيد ميمڻ جديد سنڌي شاعريءَ جي منفرد لهجي وارو شاعر آهي. هن جو شاعراڻو اظهار سماعتن ۾ سمائجي ويندڙ ۽ دل ۾ پيهي ويندڙ آهي. خيالن جي نرالائپ ۽ فڪري گهرائي هن جي شاعريءَ جا اهم گڻ آهن. سندس شاعراڻي ٻولي ڏاڍي معصوم ۽ دل آويز آهي. جنهن کي داخلي ۽ خارجي پيڙائن جو ويس اوڍائي جڏهن ڪاڳر تي اوتي ٿو. ته درد جي جوت شاعريءَ جي نيڻن ۾ ڪر موڙي جاڳي پوي ٿي. شاعريءَ جي سيني صنفن تي گرفت رکندڙ سعيد ميمڻ ڪويتا جي ڪاڪ جو سانورو ۽ سلوڻو ڪوي آهي. هن جي خيال جي خاصيت هن جي شاعري کي سونا پر هڻي چڙيا آهن. رتبي جي اعتبار کان هو وچين طبقي جو فرد آهي، پر شاعراڻي جهان ۾ هو پنهنجي شاعراڻي سلطنت جو اڪيلو شهزادو آهي، اهڙو شهزادو جنهن کي قدرت ڏات جهڙي لافاني بادشاهي عطا ڪئي آهي. سعيد ميمڻ ”نيڻ سفر ۾، ”ڪاري بر ۾ چنڊ“، ”خواب – چارا“ جهڙن شاندار شاعريءَ جي ڪتابن کانپوءِ اڄ وري ”درد جون آيتون“ اسان لاءِ آنديون آهن. اهي آيتون جيڪي پٽائي ۽ اياز جي حسين شاعراڻي تسلسل جو دل ربا نمونو آهن. بظاهر ته اهي ”درد جون آيتون“ شاعراڻي معراج جو معجزو آهن پر اهي ”درد جون آيتون“ شاعر سعيد مميڻ جي زندگيءَ جي هڪ اهڙِي دور

جو گيان آهن، جنهن دور ۾ ڪوبہ انسان پنهنجي داخلي دنيا ۾ هڪ اهڙي ٽوڙ، ڦوڙ مان گذرندو آهي، جو سندس احساس، حساسيت جو ويس ڏڪي اکين مان پلٽجي سندس وجود کي ڪچي گهڙي جيئن وهائڻ لڳندا آهن. پر شاعريءَ جو مضبوط بند ان وهڪري کي روڪي پاڻ ۾ جذب ڪري ڇڏيندو آهي.

بخشل باغي

بي حِسي ۾ گُھٽ پوسٽ واري دور ۾ چون ٿا تہ تخليقڪارن جو ساهہ منجهندو ۾ هانءُ ڪُرندو آحي. اهي ان گھُٽ پوسٽ واري ماحول کان نفرت جو اظهار پنهنجي آرٽ، شاعريءَ ۾ ڪهاڻين ۾ ڪندا آهن. پر لاڙڪاڻي پرسان سنڌوءَ ڪناري عاقل ڳوٺ ۾ هڪ شاعر پاڻ ان سماجي بيحسي ۾ گھُٽ پوسٽ جو اهڙو تہ شڪار ٿي ويو، جو شاعري سندس هٿن مان ورهين کان ايئن ڪري پئي آهي، جيئن سندس نظم جي هڪ سٽ آهي تہ ”خدا جي هٿن مان ها ڪريا سپيئي، اسان جي ڪهاڻيءَ جا صفحا سپيئي“ سعيد ميمڻ پنهنجو جنون ۾ جواني سنڌي شاعريءَ کي ارپي ڇڏي. هن خوبصورت فطرتي رنگن وارا ”پنجڪڙا“ لکي شاعريءَ ۾ موچارو اضافو ڪيو. هن شاعر ٻڌجي زندگي گذارڻ جا خواب ڏٺا پر غلاميءَ ۾ روزمره جي تذليل واري سنڌي معاشري ۾ هو پنهنجي خواب جي ساپيان ماڻي ڪونہ سگهيو. سعيد جڏهن جنون ۾ اچي ڪيئي نظم لکيا تہ شيخ اياز جهڙي شاعريءَ جي معتبر نالي بہ ڪر کڻي ڪيس ڏسڻ شروع ڪيو. سعيد پنهنجي پوري نسل جي ترجماني ڪري ٿو.

- نثار کوکر

سنڌي شاعريءَ جي جهان ۾ آئون جڏهن پنهنجي شاعراڻي ننڍڙي ڄمار مطابق نظر وجهان ٿو ۽ سوچيان ٿو تہ ازل کان هن وقت تائين ڪيترائي شاعر پنهنجي ذات جون ڏياٽيون جلائي مختلف رنگن جون روشنيون ڪري ويا. هن ايڪهين صديءَ ۾ سنڌي شاعريءَ جي ريشمي پيچري تي ڪيترائي شاعر پنهنجو نالو ڳڻائڻ لاءِ قلم جو پورهيو ڪري رهيا آهن، انهن ۾ سعيد ميمڻ جديد سنڌي شاعري جو اهم شاعر آهي جنهن جي شاعريءَ مان مون جيان ٻيا بہ ڪوڙ سارا شاعر اتساهہ وٺندا رهن ٿا. سعيد ميمڻ نہ رڳو شاعريءَ ۾ پر شخصي حوالي کان بہ منهنجو آئيڊيل رهيو آهي. ڇاڪاڻ جو سعيد ميمڻ سنڌي شاعري جي جهان ۾ اڪيلو ئي سعيد ميمڻ آهي. جيڪو لاڙڪاڻي جي هڪ نوڳو ايريا ڳوٺ عاقل ۾ رهي ٿو. جنهن ڏانهن ويندي ڪوڙ سارين بڪتربند گاڏين جي ۽ هٿيارن جي سامهون گذرڻو پوندو. اهڙي علائقي ۾ رهندي هڪ حساس شاعر پوڳڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪري بہ ڇا ٿو سگهي. اهڙي ماحول ۾ جيڪا پوڳنا اڄ سعيد ميمڻ پوڳي رهيو آهي. اها سعيد جي هن ڪتاب ”درد جون آيتون“ ۾ محسوس ڪري سگهجي ٿي.

- ستار سُندر

- شاعري لاشعور ۽ تحت الشعور جو شعور ڏانهن سفر جو نالو آهي.
- شاعري روح مان رچي نڪرندڙ نغمو آهي، جيڪو اظهار ۽ لفظن جي صورت ٿو اختيار ڪري.
- سعيد جي شاعريءَ جا ڪيئي محرڪ آهن، پر سندس بنيادي ۽ طاقتور محرڪ سُونهن يا جماليات آهي.
- سعيد جي شاعري پڑهندي چوٽو ٿو پوي تہ سندس هر شعر روح مان نڪرندڙ هڪ نغمو آهي، جو ڪائنات جي وسعتن ۾ ڦهلجي، تنهنجي ۽ منهنجي اندر جو آواز بڻجي ٿو وڃي.
- سعيد ڪائناتي ذهن رکندڙ تخليقڪار آهي، جو بي جان ۽ عام ڳالهائجندڙ ماڻهوءَ جي لفظن ۾ ساهہ ڦوڪي، ڪين پرواز جي طاقت ٿو ڏئي.
- هي شاعري آ يا سعيد ميمڻ تي زميني صحيفا لٿا آهن!
- مونکي ايئن ٿو لڳي جڻ باک ڦٽي آهي، پکي پکڻ عاقل جي وڻن ۾ وٽڪار ۾ منڙا منڙا گيت ڳائي رهيا آهن، ۽ سعيد ميمڻ زميني صحيفن جي سڳنڌ ۽ سرهاڻ جي گهر گهر ورڪا ڪري رهيو آهي.
- شاعري لاشعور ۽ تحت الشعور جو شعور ڏانهن سفر جو نالو آهي. شاعري روح مان رچي نڪرندڙ نغمو آهي، جيڪو اظهار ۽ لفظن جي صورت ٿو اختيار ڪري. سعيد جي شاعريءَ جا ڪيئي محرڪ آهن، پر سندس بنيادي ۽ طاقتور محرڪ سُونهن يا جماليات آهي. سعيد جي شاعري پڑهندي چوٽو ٿو پوي تہ سندس هر شعر روح مان نڪرندڙ هڪ نغمو آهي، جو ڪائنات جي وسعتن ۾ ڦهلجي، تنهنجي ۽

منهنجي اندر جو آواز بڻجي ٿو وڃي. سعيد ڪائناتي ذهن رکندڙ تخليقڪار آهي، جو بي جان ۽ عام ڳالهائجندڙ ماٺهوءَ جي لفظن ۾ ساهہ ڦوڪي، ڪين پرواز جي طاقت ٿو ڏئي. هي شاعري آ يا سعيد ميمڻ تي زميني صحيفا لٿا آهن!مونکي ايئن ٿو لڳي جڻ باک ڦٽي آهي، پڪي پڪڻ عاقل جي وٽن ۽ وٽڪار ۾ منڙا منڙا گيت ڳائي رهيا آهن، ۽ سعيد ميمڻ زميني صحيفن جي سڳنڌ ۾ سرهاڻ جي گهر گهر ورڪا ڪري رهيو آهي.

•

- تاجل بيوس